ABC Certified
Reg No 2677
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | سومر 21 آگسٽ 2023 ع بمطابق 03 صفر 1445ھ | شمارو: 302 | قيمت10 روپيا

ڪراچي کان اسلام آباد ويندڙ بس حادثي جو شڪار، عورتن ۽ ٻارن سميت 18 ڄڻا سڙي فوت

صبح جو سوا 4 وڳي پڪ اپ وين ۽ مسافر بس جي ٽڪر تي جنهن کان پوءِ گاڏي ۾ باهه لڳي وئي، ٻئي گاڏيون مڪمل طور تي سڙي ويون

حادثي دوران 18 ڄڻا سڙي فوت جڏهن ته 15 زخمي ٿي پيا جن کي طبي امداد جي لاءِ اسپتال روانو ڪيو ويو. زخمين مان ڪيترن جي حالت نازڪ

فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ ڊي اين اي ذريعي ٿي سگهي ٿي زخمين کي پنڊي ڀٽيان ۽ فيصل آباد جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي : ڊي پي او ڊاڪٽر فهد

مسافر ڪوچ ڪراچي کان اسلام آباد وڃي رهي هئي، اوچتو گاڏي سان ٽڪر کان پوءِ ڪوچ کي باهه وڪوڙي ورتو. مسافرن کي ٻاهر نڪرڻ جو موقعو به نه ملي سگهيو : مسافر

فيصل آباد موٽروي تي پنڊي ڀٽيان ويجهو پيش ايندڙ حادثي ۾ 20 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته حادثي دوران وڌيڪ فوتگين جو پڻ امڪان آهي : ڊي ايس پي احسان ظفر

11 ڄڻن جا لاش ۽ 15 زخمين کي پنڊي ڀٽيان اسپتال آندو ويو آهي، 4 زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جن کي الائيڊ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي : ايم ايس

حافظ آباد (م ڊ) پنڊي ڀٽيان ايم فور ويجهو روڊ حادثي سبب بس ۾ باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 18 مسافر فوت ٿي ويا آهن. جڏهن ته 15 زخمي ٿي پيا آهن. حادثي بابت ڳالهائيندي ڊي پي او ڊاڪٽر فهد ٻڌايو ته 18 لاش ڪڍيا ويا آهن حادثي ۾ ڪوچ ۽ وين جا ڊرائيور به سڙي فوت ٿي ويا آهن. حادثي دوران 18 ڄڻا سڙي فوت جڏهن ته 15 زخمي ٿي پيا آهن جن کي طبي امداد جي لاءِ اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي کان اسلام آباد ويندڙ بس حادثي جو شڪار ٿيڻ بعد باهه ڪيس باهه لڳل آهي

صدر عملي تي الزام نه مڙهي، پنهنجي عمل جو هو پاڻ ذميوار آهي: قانون واري وزارت

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بلز تي صحيحون ناهن ڪيون: صدر

پنهنجي عملي کي چئي ڇڏيو آهي ته بل بنا صحيح جي واپس موڪلي ڇڏيو، مون عملي کان ڪيئي ڀيرا تصديق ڪئي ته بلّ بنا صحيح جي واپس موڪليا ويا آهن

الله سڀ ڄاڻي ٿو، مان انهن سڀني کان معافي گهران ٿو جيڪي انهن بلن سبب متاثر ٿيندا، مون انهن بلن تي صحيحون ناهن ڪيون

آئين جي آرٽيڪل 75 موجب، جڏهن ڪو بل منظوري لاءِ موڪليو ويندو آهي ته صدر وٽ ٻه اختيار هوندا آهن : قانون ۽ انصاف واري وزارت جي پڌرائي

آرمي ايڪٽ ترميمي بل ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ترميمي بل واري معاملي ۾ ڪنهن به اختيار عمل ناهي ڪيو ويو، پر صدر ڄاڻي واڻي منظوري ۾ دير ڪئي

صدر کي بل تي خدشا هئا ته هو پنهنجي خدشن سان گڏ بل واپس ڪري سگهي پيو، جيئن هو ماضي ۾ به ڪيئي ڀيرا ڪري چڪو آهي

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته الله گواهه آهي، مون آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل تي صحي ناهي ڪئي. صدر عارف علوي پنهنجي بيان ۾ چيو ته مان آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل سان اتفاق نٿو ڪيان ۽ پنهنجي عملي کي چئي ڇڏيو آهي ته بل بنا صحيح جي واپس موڪلي ڇڏيو صدر وڌيڪ چيو ته مون عملي کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي (فائيل فوٽو)

آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ بابت صدر جي بيان نئون پنڊورا باڪس کولي ڇڏيو

صدر علوي کُلي ڳالهائي، جيڪڏهن بلن تي اختلاف هو ته هن اعتراض ڇو نه واريا؟ : سينيٽر عرفان صديقي

ميڊيا تي خبرون اچڻ باوجود هو ٻن ڏينهن تائين چپ ڇو ويٺو رهيو؟ صدر معاملو وڌيڪ منجهائي ڇڏيو آهي

جنهن صدر کي خبر ناهي ته ايوانِ صدر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي اهو عهدي جي اهل ئي ناهي، : فيصل ڪريم ڪنڊي

اسلام آباد (م ڊ) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بلز بابت صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي بيان تي سياستدانن جو ردعمل سامهون آيو آهي. صدر جي بيان تي ن ليگ جي سينيٽر عرفان صديقي، چيو ته صدر علوي کُلي ڳالهائي. جيڪڏهن بلن تي اختلاف هو ته هن اعتراض ڇو نه واريا؟ ها يا نه ڪانسواءِ بل واپس اماڻڻ جو ڪهڙو مقصد هو؟ هن چيو ته ميڊيا تي خبرون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سينيٽر ارباب عمر ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر آئيني مدي ۾ ڪو به رستو استعمال نه ڪيو، ٻئي بل قانون بڻجي ويا: عرفان اسلم

صدر جو قدم آئين جي ابتڙ آهي، هُن پنهنجي عهديدارن کي بدنام ڪرڻ جي چونڊ ڪئي

صدر 10 ڏينهن جي آئيني مُدي ۾ ڪو به دگ استعمال نه ڪيو، ٻئي بِلز قانون بڻجي ويا آهن

صدر ڦيرڻ پيرو ٻنهي بِلز تي ڪو آئيني دگ اختيار نه ڪيو : اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قانون جي نگران وفاقي وزير احمد عرفان اسلم چيو آهي ته صدر جو قدم آئين جي ابتڙ آهي، هُن پنهنجي عهديدارن کي بدنام ڪرڻ جي چونڊ ڪئي، صدر 10 ڏينهن جي آئيني مُدي ۾ ڪو به دگ استعمال نه ڪيو، ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

قانون واري نگران وفاقي وزير احمد عرفان اسلم پريس ڪانفرنس ڪندي

اعظم خان سائفر معاملي تي بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين جي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان سائفر معاملي ۾ 161 جو بيان رڪارڊ ڪرايو

ايف آءِ اي جي دهشتگردي ڪائونٽر ونگ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت داخل ايف آءِ آر ۾ گرفتاريون شروع ڪيون

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان جو سائفر معاملي ۾ 161 جو بيان رڪارڊ ڪيو ويو آهي، اڳوڻي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان توشا خانا ڪيس کانپوءِ سائفر معاملي ۾ حقيقتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

صدر جي ٽوئيٽ کانپوءِ عدالت ويندا سين: تحريڪ انصاف

اهم ترين قانوني مسودن جي منظوري جي عمل تي صدر جو موقف سنجيده قدمن جي ضرورت آهي : ترجمان

صدر ان بيماري جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪا رياست ۽ حڪومتي ڍانچي ۾ تمام گهڻي پکڙيل آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي ٽوئيٽ کانپوءِ پاڪستان تحريڪ انصاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. تحريڪ انصاف قومي ۽ عدالتي سطح تي صدر جي موقف جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فاطما ڦرڙو سان جنسي زيادتي ۽ بدفعلي جي تصديق

ميڊيڪل بورڊ ۾ شامل پوليس سرجن امان الله ڀنگوار نينگري فاطمه ڦرڙو سان جنسي زيادتي ۽ تشدد جي تصديق ڪري ڇڏي

نينگري فاطمه ڦرڙو سان زيادتي ۽ تشدد جا ثبوت مليا آهن: پوليس سرجن امان الله ڀنگوار

ميڊيڪل بورڊ نينگري تي تشدد جي تصديق ۽ زيادتي جو خدشو ظاهر ڪيو آهي : ڊي آءِ جي سکر جاويد جسڪاڻي

نينگري فاطمه ڦرڙو ڪيس جو جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهي

راڻيپور / خيرپور / سيلارجا / خانواهڻ (نمائندن وٽان) راڻيپور جي حويلي ۾ ڪم ڪندڙ معصوم نينگري فاطمه جي موت جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مير واعظ نظربند آهي، جامع مسجد به نٿو وڃي سگهي: فاروق عبدالله

گورنر منوج سنها ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي ته مير واعظ آزاد آهي

مير واعظ آزاد آهي ته سندس گهر ٻاهران پارتي فوجون ڇو لڳايون ويون آهن؟

سري نگر (مانيٽرنگ)والاريل ڪشمير جي اڳوڻي وڏي وزير فاروق عبدالله چيو آهي ته مير واعظ گهر ۾ نظربند آهي، هو جامع مسجد نه ٿو وڃي سگهي. صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته گورنر منوج سنها ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي ته مير واعظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

شڪارپور ۾ مهر برادري همراهن هٿان پوليس اهلڪار سميت 2 ڄڻا قتل

فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو

فائرنگ بعد حملي آور فرار ٿي ويا جن جي ڳولا جاري آهي: پوليس

شڪارپور (رپورٽر) ڳڙهي ياسين ويجهو هوٽل تي ويٺل ماڻهن تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار سميت 2 ڄڻا مارجي ويا، فائرنگ ۾ هڪ پوليس اهلڪار سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمين کي تعلقي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

انساني حقن جي سرگرم ڪارڪن ۽ وڪيل ايمان مزاري گرفتار

پوليس طرفان اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري جي نياڻي ايمان مزاري کي گرفتار ڪرڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

پوليس ۽ سادا ڪپڙا پهريل ماڻهو ايمان مزاري کي گهران اغوا ڪري کڻي ويا آهن : شيرين مزاري

اهلڪارن سڄي گهر ۾ هيڏي هوڏي ڦرندا رهيا، ايمان پنهنجي ڪمري ۾ سُتل هئي، اهلڪارن کيس ڪپڙا بدلائڻ به نه ڏنا

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي ترنول ٿاڻي جي پوليس طرفان اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري جي نياڻي ايمان مزاري کي گرفتار ڪرڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي.پوليس جو چوڻ آهي ته ايمان مزاري کي سندس رهائشگاهه تان گرفتار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سائفر گمشدگي ڪيس: شاهه محمود قريشي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي سائفر گمشدگي ڪيس ۾ پيش ڪيو ويو

ٻڌڻي دوران ايف آءِ اي طرفان شاهه محمود قريشي جي 14 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي

عدالت محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي جو هڪ ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي مقامي عدالت سائفر گمشدگي ڪيس ۾ تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

جلدي لاش نڪاٽي
لڳائڻ لاءِ ايمبولينس
ڏيندڙ ايم ايس گرفتار

راڻيپور (رپورٽر) رورل هيلٿ سينٽر راڻيپور جي ايم ايس ڊاڪٽر علي حسن وسڻ کي ٻار فاطما ڦرڙو ڪيس ۾ غفلت برتڻ تي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جاچ دوران اها /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شاهد اشرف تارڙ اسلام آباد پشاور موٽروي ايم ون جي دوري دوران بيٺل آهي

ايمان مزاري جو جڊيشل ۽ علي وزير جو جسماني ريمانڊ منظور

علي وزير ۽ وڪيل ايمان مزاري کي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو

ٻڌڻي دوران ميڊيا کي عدالت جي ڪمري ۾ وڃڻ کان روڪي ويو

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري جي نياڻي ۽ انساني حقن جي ڪارڪن، وڪيل ايمان مزاري کي ۽ پشتون تحفظ موومينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بس حادثي جي سببن جو پتو لڳائڻ ضروري آهي: مريم نواز

مون کي ان واقعي تي تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي، متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهيان

بس حادثي ۾ زخمي ٿيلن کي علاج جون بهترين سهولتون فراهم ڪيون وڃن

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته بس حادثي جي سببن جو پتو لڳائڻ ضروري آهي، مريم نواز فيصل آباد موٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

راولپنڊي ۾ ڊينگي وائرس جا 5 نوان ڪيس ظاهر

ڊينگي ايس او پيز جي ڀڃڪڙي تي ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن : ڊپٽي ڪمشنر

ايس او پيز جي ڀڃڪڙي تي 338 عمارتون سيل ۽ 24 لک رپيا ڏنڊ لڳايو ويو آهي

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي وائرس جا 5 نوان ڪيس سامهون آيا آهن صحت کاتي موجب ضلعي ۾ ڊينگي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ثروت گيلاني جو سياست ۾ اچڻ جو فيصلو، پنهنجي پارٽي ٺاهيندي

مستقبل ۾ پنهنجي سياسي پارٽي ٺاهڻ جو ارادو رکان ٿي: ثروت گيلاني

مون کي ڪوڙ پارٽين دعوت ڏني آهي جو ته مان آواز اٿاريندي آهيان

ڪراچي (م ڊ) فلم، ٽي وي ۽ ويب سيريز جي مقبول اداڪارا ثروت گيلاني جو چوڻ آهي ته هو مستقبل ۾ پنهنجي سياسي پارٽي ٺاهڻ جو ارادو رکي ٿي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

علوي جو بيان صدر جو عهدو سنڀالڻ جي قابليت تي سواليه نشان آهي: شيري رحمان

جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ صدر کي فوري طور تي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي

جيڪڏهن توهان جو عملو توهان سان متفق نه آهي ته پوءِ توهان کي صدارت ڇڏڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شيري رحمان صدر جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته عارف علوي جو بيان صدر جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: تيل اسمن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي پاران مختلف شهرن ۾ ڪيل احتجاجن جو ڏيک

تيل اسمن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي جو سنڌ جي هر شهر ۾ احتجاج

جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪراچي کان ڪشمور سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

جماعت اسلامي جي صوبائي ضلعي ۽ مقامي اڳواڻن خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) نگران حڪومت پاران تيل اسمن جي اگهن ۾ ظالماڻي واڌ جي خلاف امير جماعت اسلامي سراج الحق جي اپيل تي جمعي تي ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جڙانوالا واقعو اسلام ۾ اهڙين حرڪتن جي ڪائي گنجائش ناهي: مفتي تقي عثماني

جڙانوالا جو واقعو پوري قوم لاءِ شرم جوڳو آهي

عيسائي شهرين کي ڪنهن به قسم جو نقصان رسائڻ مذمت جوڳو عمل آهي

نالي وارو عالم دين مفتي تقي عثماني

ڪراچي (رپورٽر) نالي واري عالم دين مفتي تقي عثماني جڙانوالا واقعي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته اسلام ۾ اهڙين حرڪتن جي ڪائي گنجائش نه آهي ٽيوٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ مفتي تقي عثماني لکيو ته جڙانوالا جو واقعو پوري قوم لاءِ شرم جوڳو آهي جيڪڏهن ڪنهن ڪائي گستاخي ڪئي آهي ته ان جو قانوني رستو موجود آهي مفتي تقي عثماني لکيو ته ان جي ردعمل ۾ گرجا گهرن کي ساڙڻ يا پرامن عيسائي شهرين کي ڪنهن به قسم جو نقصان رسائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اتر وزيرستان ۾ گاڏي اندر ڌماڪو، 11 پورهيت مارجي ويا

دهشتگردن هڪ گاڏي کي بارودي مواد سان اڏائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي ۾ سوار 11 پورهيت مارجي ويا

ڌماڪو اتر وزيرستان جي تعلقي شوال جي علائقي گل مير ڪوٽ ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو

گاڏي ۾ ڪُل سورنهن پورهيت سوار هئا، لاش ۽ زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي : پوليس

شوال (م ڊ) اتر وزيرستان جي تعلقي شوال ۾ پورهيتن گاڏي ۾ ڌماڪي سبب يارنهن مزدور مارجي ويا.ڊپٽي ڪمشنر ريحان گل موجب، دهشتگردن هڪ گاڏي کي بارودي مواد سان اڏائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي ۾ سوار 11 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪميشن چونڊن جي تاريخ نه ڏئي آئين جي ڀڃڪڙي پئي ڪري: سراج الحق

پاڪستان جي آئين کي 50 سال ٿي ويا آهن پر آئين هڪ ڏينهن به عمل ۾ نه آيو آهي

ٻنهي پارٽين چونڊن کي ملتوي ڪرڻ يا ملتوي ڪرڻ جي سازش ڪئي

نگران حڪومت کي گهمڻ ڦرڻ بدران شفاف چونڊون ڪرائڻ گهرجن : لاهور ۾ پريس ڪانفرنس

لاهور (م ڊ) امير جماعت اسلامي سراج الحق چيو آهي ته پاڪستان جي آئين کي 50 سال ٿي ويا آهن پر آئين هڪ ڏينهن به عمل ۾ نه آيو آهي، اهڙن خيالن جو اظهار هن منصوره لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو.ان موقعي تي امير جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: امير جماعت اسلامي سراج الحق ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

حيدرآباد: خسرا مهم
دوران ويڪسين نه ٿيڻ
سبب ڇوڪري فوت

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ خسرا مهم دوران مبينا طور تي ويڪسين نه ٿيڻ سبب هڪ ڇوڪري فوت ٿي وئي. نينگري جي گهرڀاتين جو چوڻ هو ته 18 آگسٽ تي ماه نور کي خسرو جي ويڪسين لڳائي وئي هئي، وارثن جو چوڻ هو ته ڇوڪري بخار ۾ مبتلا هئي، حالت خراب ٿيڻ تي کيس ٻيائي اسپتال داخل ڪيو ويو جتي هوءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن جي برابر آبادي کي يقيني بڻائي: فافن

حلقن جي وچ ۾ عدم مساوات آرٽيڪل 25 جي خلاف آهي جنهن جي مطابق سڀني شهرين کي برابر حيثيت حاصل آهي

اليڪشن ڪميشن حلقن جي آبادي ۾ 10 سيڪڙو کان وڌيڪ فرق هجڻ جا سبب چونڊ ڪميٽين لاءِ لازمي قرار ڏئي ڇڏيا آهن

اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميم کانپوءِ اليڪشن ڪميشن سيڪشن (1) 20 جي ان قاعدي کان پاسو ڪري سگهي ٿي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن واچ ڊاگ فري اينڊ فيئر اليڪشن نيٽورڪ (فافن) تڪ بندين لاءِ پنهنجون سفارشون اليڪشن ڪميشن کي ڏئي ڇڏيون آهن فافن پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن جي برابري جي بنياد تي تڪ بندين کي يقيني بڻائي، حلقن جي وچ ۾ عدم مساوات آرٽيڪل 25 جي خلاف آهي جنهن جي مطابق سڀني شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

صدر خلاف ڪا به قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي: مرتضيٰ سولنگي

حڪومت صدر جي آفيس وچي رڪارڊ تحويل ۾ نٿي وٺي سگهي، اسان اهڙي حرڪت نه ڪنداسين

صدر آفيس ۾ اچي وڃي ته اُن کي قانوني تحفظ حاصل هوندو آهي، صدر اعتراض هئا ته بِلز تي لکائي واپس اُماڻي ها

صدر جي ٽوئيٽ سان ڪنهن به قسم جو طوفان نه آيو آهي، آئين جو آرٽيڪل 75 اِن معاملي ۾ واضح آهي

اسلام آباد (م ڊ) سنڌ سماءُ جي نگران وفاقي وزير قانون واري وزير سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران چيو آهي ته صدر خلاف ڪا به قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته حڪومت صدر جي آفيس وچي رڪارڊ تحويل ۾ نٿي وٺي سگهي، اسان اهڙي حرڪت نه ڪنداسين چيو ته صدر آفيس ۾ اچي وڃي ته اُن کي قانوني تحفظ حاصل هوندو آهي، صدر اعتراض /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: سنڌ سماءُ وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ايمان مزاري کي گهلي
گهر کان ٻاهر ڪڍيو ويو:
شيرين مزاري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري چيو آهي ته ايمان مزاري کي گهلي ٻاهر ڪڍيو ويو، اسلام آباد جي احتساب عدالت ۾ صحافين سان ڳالهائيندي شيرين مزاري چيو ته اهلڪار ايمان جي گرفتاري لاءِ گيٽ جمپ ڪري داخل ٿيا.هن چيو ته گارڊ ڪيبن ۾ بند هو، موبائيل به کڻي ويا ۽ دروازي کي ٽوڙڻ جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نائين واري وزير اسحاق ڊار صدر عارف علوي کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

اهڙي بيان ڏيڻ کان پوءِ عارف علوي کي فوري طور تي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي : اسحاق ڊار

عارف علوي پنهنجي آفيس بهتر طريقي سان هلائڻ ۾ ناڪام ويو آهي

سرڪاري ڪم فائلن ۾ هلايا ويندا آهن ۽ ان تي عمل کي يقيني بنايو ويندو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي نائين واري وزير اسحاق ڊار صدر عارف علوي کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل پيغام ۾ ڊاڪٽر عارف علوي آرمي ۽ آفيشل ايڪٽ ترميمي بلز بابت بيان تي تبصرو ڪندي اسحاق ڊار چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پ پ ڪجهه سيٽن تي نقصان جي ڊپ کان آدمشماري تي اعتراض ڪري رهي آهي: راڻا ثناءالله

چونڊن ۾ 90 ڏينهن جي دير سان ڪو به فرق نه پوندو، پيپلز پارٽي ڪجهه سيٽن تي نقصان جي ڊپ سبب آدمشماري تي اعتراض ڪري رهي آهي

گڏيل مفادن واري ڪائونسل اتفاق راءِ سان آدمشماري جي منظوري ڏني ۽ ڪائونسل ۾ پيپلز پارٽي جي نمائندگي به هئي

هن آدمشماري تي سڄي قوم کي ڀروسو آهي، نئين آدمشماري کان پوءِ نيون تڪبنديون آئيني گهرج آهي

اسلام آباد: اڳوڻو وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته پيپلز پارٽي چونڊن ۾ ڪجهه سيٽن تي نقصان جي ڊپ کان آدمشماري تي اعتراض /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ثانيا سان شادي وقت ئي شعيب کي
چيو ته پٽ ڏاڏو برو ڦاٿو آهين،
فردوس عاشق جو انڪشاف

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي ترجمان فردوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پنون ۾ ڳوٺاڻن طرفان بدامني جي وارداتن ۽ مولچند پڪي وٽان ڦرلٽ خلاف احتجاج

علي جاکري کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ان ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ميراڻ لاشاري، علي جاکرو، ڇتو لاشاري، دودو لاشاري، موسي لاشاري جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

ڌوهن جي وارداتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدم کڻي عوام کي جاني مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: مظاهرين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) پنون ۾ ڳوٺاڻن طرفان بدامني جي وڌندڙ وارداتن ۽ مولچند پڪي وٽان ڳوٺاڻي علي جاکري کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ان ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج. پنون پوليس تي ڌوهارين جي سرپر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دڙو: ڳوٺاڻن طرفان بدامني جي وارداتن ۾ مولچند پڪي وٽان ڦرلٽ خلاف احتجاج KEO OEO

ڏابيجي پمپنگ اسٽيشن تي
ڪي اليڪٽرڪ پاران اوچتي
بريڪ ڊائون سبب فراهمي متاثر

ڪراچي (رپورٽر) ڏابيجي پمپنگ اسٽيشن تي ڪي اليڪٽرڪ پاران بجلي جي اوچتي بريڪ ڊائون سبب 72 انچ قطر جي پي آر سي جي لائين نمبر 1 متاثر ٿي وئي. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب لائين جي متاثر ٿيڻ جو اطلاع ملڻ تي واٽر ڪارپوريشن جا عملدار فوري طور موقعي تي پهچي ڪري متاثر لائين جو معائنو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بينظير ڀٽو جي مزار لڳ فش فارم ۾ شرپسندن پاران زهر اڇلائڻ بعد مڇي مري وئي

متاثر ڳوٺاڻي خالد حسين لغاري ميڊيا آفيس نئون ديرو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

شرپسند ماڻهن مون کي موت مار ڌمڪيون ڏنيون هيون، نوٽيس ورتو وڃي: خالد حسين

نئون ديرو (رپورٽر) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مزار لڳ فش فارم ۾ لکين روپين جي مڇي ڪجهه شرپسندن طرفان زهر اڇلائڻ بعد مري وئي. متاثر ڳوٺاڻي رئيس خالد حسين لغاري ميڊيا آفيس نئون ديرو پهچي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته دانهيندي چيو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي سڳوٽ خدابخش ڀٽو المعروف دادن خان ڀٽو جي ۽ ايڪڙن تي فش فارم ٺهيل آهي جيڪو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ جي خلاف بدين ۾ احتجاج

هارون گوپانگ مصطفيٰ جمالي شفيع جوڻيجو عبدالمجيد ملاح انيس ميمڻ پاران ريلي

قاضيا واهه چوڪ کان ايوان صحافت پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

قانون نافذ ڪرڻ جون دعوائون ڪندڙ ادارا ناڪام ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن: مظاهرين جو الزام

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ جي نامياري صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ جي خلاف ايوان صحافت جي طرفان اڳوڻي ضلع نائب ناظم عزيز ڏيرو هارون گوپانگ مصطفيٰ جمالي شفيع جوڻيجو عبدالمجيد ملاح انيس ميمڻ مرتضيٰ ميمڻ الطاف شاد ميمڻ عمران عباس خواجا محمد نديم مغل محمد صديق سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قاضيا واهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين: صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ جي خلاف بدين ۾ احتجاج ڪيو ويو

سکر: ٻه نامعلوم موٽر سائيڪل
ڦورو موبائل فون ۽ 10 هزار رپيا ڦر
ڪري فرار ٿي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي واري نڙ جي رهواسي ميڊيڪل ريپ زاهد وحيد کان ٻه نامعلوم موٽر سائيڪل ڦورو موبائل فون ۽ 10 هزار رپيا ڦرڪري فرار ٿي ويا. حد ٻڌندي سبب ٿاڻي رپورٽ داخل نه ٿي سگهي خبر موجب سکر واري نڙ واري علائقي جي رهواسي ميڊيڪل ريپ زاهد وحيد ٻڌايو ته هو خيرپور کان آفيس ۾ ڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

فشر فوڪ فورم طرفان بدين جي ساحلي پٽي ۾ پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي اجلاس

اڳواڻن حاجي محمد بخش ملاح محمد عمر ملاح عبدالرزاق ملاح ميهار ڏانڏل ۽ ٻين جي شرڪت

سومرا شاخ ۽ ٻين واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب هزارين ايڪڙ زمين تي ٻيٽل فصل سُڪي رهيو آهي: اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان فشر فوڪ فورم طرفان بدين جي ساحلي پٽي ۾ پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي اجلاس سڄي ساحلي پٽي جي ٻوڙڻ جي واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جو مطالبو اڳواڻن حاجي محمد بخش ملاح محمد عمر ملاح عبدالرزاق ملاح ميهار ڏانڏل آصف ميمڻ پٽو پنجابي ۽ ٻين چيو ته بدين جي ساحلي علائقن کي سيراب ڪندڙ واهن سني ڳوني مير واهه راج واهه مور شاخ گنج ٻهر نور واهه سومرا شاخ ۽ ٻين واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب هزارين ايڪڙ زمين تي ٻيٽل فصل سُڪي رهيو آهي هنن سيڊا جي چيئرمين ڊي سي بدين ايريگيشن انجنيئر ۽ ايس ڊي او کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد ساحلي پٽي جي واهن جي پڇڙين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سلطانپور پرسان يوسي درٻ جي ڳوٺ پير محمد لنجاري ۾ ڊرينيج سسٽم تباهه

مڪاني نمائندن جي عدم دلچسپي سبب رهواسي ڊرينيج سسٽم جي سهولت کان محروم

پير محمد لنجاري گذريل ڪيترن ئي ورهين کان ڊرينيج جي سهولت کان محروم بڻيل آهي: رهواسي

گهرن ۾ لڳل نلڪن، برسات ۽ سيوريج جي گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ گهرن ۾ کوهه ڪڍا لڳائي ڇڏيا

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پرسان يوسي درٻ جي ڳوٺ پير محمد لنجاري ۾ رهواسي تڪ جي نمائندن ۽ مڪاني نمائندن جي عدم دلچسپي ڊرينيج سسٽم جي سهولت کان محروم هجڻ سبب عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سلطانپور: يوسي درٻ جي ڳوٺ پير محمد لنجاري جا رهواسي احتجاج ڪندي

پنو عاقل ۾ شهيد جان محمد
مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ
احتجاجي مظاهرو

پنو عاقل (رپورٽر) پني عاقل ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ، نعري بازي، شهيد جان محمد مهر جا قاتل ۽ سهولتڪار گرفتار ڪريو پني عاقل ۾ سول سوسائٽي،سياسي سماجي ڌرين پاران شاندار ريلي، ريلي ۾ اديب، صحافي ۽ شهري پنچائت شريڪ سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل جي سنڌ تي ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پ پ سنڌ ۾ خوف جي علامت بڻجي چڪي آهي، عوام حقن کان محروم آهي: سيد زين شاهه

سنڌ ۾ نگران حڪومت ۽ ان جي صوبائي ڪابينا جي مقرري جو مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي

پ پ حڪمراني ۾ بيوروڪريسي جو استعمال ڪري عوام کي سنڌن حقن کان محروم رکيو آهي

صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهاڻ مڪمل طور تي جانبدار ۽ پيپلزپارٽي جو سهولتڪار بڻيل آهي

ڪراچي (باغي ساگر پهنوار) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ نگران حڪومت ۽ ان جي صوبائي ڪابينا جي مقرري جو مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ اعليٰ بيوروڪريسي ۾ چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي سنڌ جي بدلي خوش آئند قدم آهي. ڪراچي مان جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ ايس يو پي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ خوف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

فاطمه ڦرڙو ۽ جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي ۾ احتجاجي مظاهرو

سنڌ سڀيا ۽ سول سوسائٽي جي عورتن ۽ مردن سميت صحافين اديبن احتجاجي مظاهرو ڪيو

سارنگ جويو. سهڻي جويو. انعام شيخ. مرڪ منان. ورثا پيرزادو. خليل انصاري ۽ ٻين پاران نعريبازي

پوليس ٻه پوٽارن توڙي ميرن پيرن جي چمچاگيري ۾ مصروف آهي پر ڪنهن کي انصاف نه ٿو ملي: مظاهرين

ڪراچي (باغي ساگر پهنوار) فاطمه ڦرڙو ۽ جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو سنڌ سڄاڳي فورم، سنڌ سڀيا ۽ سول سوسائٽي جي عورتن ۽ مردن سميت صحافين اديبن وڏي تعداد ۾ ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڇتي نعريبازي ڪئي وي مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر ڪينڊل هٿا جنهن تي مختلف قسم جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي: فاطمه ڦرڙو ۽ جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

راڌڻ ۾ مهينو اڳ معمولي ڳالهه
تان جهيڙي ۾ قتل ٿي ويل طالب
جانوري جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

راڌڻ (رپورٽر) راڌڻ ۾ هڪ مهينو اڳ معمولي ڳالهه تان جهيڙي ۾ قتل ٿي ويل طالب جانوري جي وارثن خادم جانوري فقير عاشق جانوري منظور عرف مجيد جانوري عورتن ٻارن سميت جي اڳواڻي ۾ ريلوي ڦاٽڪ بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو ٽائرن کي باهيون ڏئي راڌڻ ٿاڻي ايس ايڇ او اقبال احمد ڪانڌڙو خلاف سخت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شهيد فاضل راهو جي نياڻي شهناز راهو لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل جي صدر چونڊجي وئي

لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل جي صدر ۽ ناميارو فنڪار الهڏنو جوڻيجو سينئر نائب صدر چونڊجي ويا

جنرل سيڪريٽري ستار جوکيو. جوائنٽ سيڪريٽري امر سومرو سوشل سيڪريٽري عبدالمجيد ملاح چونڊيا ويا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) شهيد فاضل راهو جي نياڻي شهناز راهو لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل جي صدر ۽ ناميارو فنڪار الهڏنو جوڻيجو سينئر نائب صدر چونڊجي ويا تفصيل موجب لاڙ ثقافتي آرٽس ڪائونسل ضلع بدين جي گڏجاڻي ڪاله هتي ٿي گذري جنهن ۾ ٽن سالن جي لاءِ نئين باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ هيٺان عهديدار چونڊيا ويا صدر شهناز راهو سينيئر نائب صدر استاد الهڏنو جوڻيجو نائب صدر عرفان احمد کٽي، جنرل سيڪريٽري ستار جوکيو جوائنٽ سيڪريٽري امر سومرو سوشل سيڪريٽري عبدالمجيد ملاح آديٽر شرف الدين ٽالپر آفيس سيڪريٽري پرير ڪمار پريس سيڪريٽري امتياز سميجو اطلاع سيڪريٽري لياقت پروانو چونڊيا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن اڳواڻن پاران ڊاڪٽر سعد نياز کي مبارڪون

خادم حسين مستوئي، محمد زاهد آرائين، ذوالفقار علي عباسي، اعجاز احمد مبارڪون ڏنيون

اڳواڻن گڏيل بيان ۾ ڊاڪٽر سعد نياز کي صحت جو نگران صوبائي وزير بڻجڻ تي مبارڪباد ڏني

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن سنڌ جي مرڪزي اڳواڻن خادم حسين مستوئي، محمد زاهد آرائين، ذوالفقار علي عباسي، اعجاز احمد ڪاڪيپوٽو، بشير احمد لاشاري، محمد قاسم ڪوسو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو جي نوبل ڪمپيوٽر اينڊ انگلش ڪوچنگ سينٽر پاران سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ورتي وئي

سينٽر پاران سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ۾ شاگردن توڙي شاگردياڻين جي وڏي انگ ٽيسٽ ۾ حصو ورتو

شاگردن هن ٽيسٽ جي مدد سان ملڪ جي مختلف يونيورسٽيز ۾ ڪاميابي ماڻي آهي: پرنسپال جون ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي نوبل ڪمپيوٽر اينڊ انگلش ڪوچنگ سينٽر پاران شاگردن کان نوبل سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ورتي وئي جنهن ۾ شاگردن توڙي شاگردياڻين جي وڏي انگ ٽيسٽ ۾ حصو ورتو ان موقعي تي نوبل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: نوبل ڪمپيوٽر اينڊ انگلش ڪوچنگ سينٽر پاران سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ورتي پئي وڃي

پرياسٽي پرسان وحشي صفت پيءُ پاران معصوم ڌيءَ سان جنسي ڏاڍائي جو انڪشاف

ڳوٺ قاسم ڪاهي واسي اصغر سولنگي 13 سالن جي ڌيءَ سان جنسي زيادتي ڪئي

منهنجي پيٽ ۾ ڏينهن تائين گهر اندر تڙپندي رهي ظالم چاچن ۽ پي علاج به نه ڪرايو: ماءُ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي مبينا پيءُ پاران 13 سالن جي ڪنواري ڌي سان وحشي صفت والد پاران زبردستي جنسي ڏاڍائي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهباز اڪيڊمي پاران 2 ڏينهن واري سکر اوپن ٽيڪوانڊو چيمپيئن شپ منعقد

ٽائيڪوانڊو رانديگرن کي ريسڪيو، فرسٽ ايڊ ۽ فائر فائٽنگ جي بنيادي تربيت ڏني وئي

سول ڊفينس خدمت جو بهترين پليٽ فارم آهي، نوجوان مرد ۽ عورتون ان ۾ شامل ٿين: سعيد اعوان

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شهباز اڪيڊمي پاران 2 ڏينهن واري سکر اوپن ٽيڪوانڊو چيمپيئن شپ المهران ڪلچر سينٽر سکر ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ سول ڊفينس سکر پاران ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان 100 کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ميرپور ٻٺورو واسڻ زينت سوريجو ڪپور موري واسي نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي

زينت ۽ سندس مڙس صدام حسين ملاح سنڌ ميڊيا هائوس پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

رضا خوشي سان شريعت محمدي موجب ٽنڊو محمد خان ڪورٽ سگوري ۾ نڪاح ڪيو آهي: جوڙو

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ميرپور ٻٺورو واسڻ زينت سوريجو ڪپور موري واسي نوجوان صدام حسين ملاح سان پيار جو پرڻو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ميرپور ٻٺورو واسڻ زينت سوريجو ڪپور موري واسي نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي، تحفظ لاءِ دانهيندي

جمعيت طلبه عربيه ديني مدرسن ۾ پڙهندڙ شاگردن جي ملڪ گير تنظيم آهي: حافظ حذيفه احمد

تنظيم جو 22 آڪٽوبر تي منصوره هالا ۾ سنڌ سطح جو الخوان ڪنرينشن منعقد ڪيو پيو وڃي

اڄ سنڌ ۾ موسيقي جا استاد پرتي ڪيا پيا وڃن، جنهن سان ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) جمعيت طلبه عربيه سنڌ جي منتظر حافظ حذيفه احمد خان بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته جمعيت طلبه عربيه ديني مدرسن ۾ پڙهندڙ شاگردن جي هڪ ملڪ گير تنظيم آهي. جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جون سالانه چونڊون، صدر مظفر رند چونڊجي ويو

نائب صدر صديق چيپو نائب صدر جبار بلوچ جنرل سيڪريٽري امتياز مگريو چونڊيا ويا

جوائنٽ سيڪريٽري حنيف ڪاڪا، پريس سيڪريٽري سعيد شيخ، خزانچي انصار خان چونڊيا ويا

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جون سالانه چونڊون گورننگ باڊي جي چيئرمين غلام نبي ڪيريو جي صدارت ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ اڪثريت رائي سان سال 2023، 2024 لاءِ صدر مظفر رند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جون سالانه چونڊون، صدر مظفر رند چونڊجي ويو

مورو لڳ سڌهوجا ڳوٺ جي مختلف برادرين جي ماڻهن پاران باڻرن خلاف احتجاج

رهواسين فقير بلو خان؛ پانهو خان؛ علي گوهر ٻرڙو؛ خالد ٻرڙو؛ محبت احتجاج ڪيو

باثر اسان سان زيادتيون ڪري رهيا آهن، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين جو مطالبو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو لڳ سڌهوجا ڳوٺ جي مختلف برادرين ٻرڙا برادري پروا برادري جيسر برادري جي رهواسين فقير بلو خان؛ پانهو خان؛ علي گوهر ٻرڙو؛ خالد ٻرڙو؛ محبت؛ ٻرڙو؛ گلزار ٻرڙو صحافين اڳيان احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز پوليس جو پٽ پاڙي ۾ جوا جي اڏي تي ڇاپو 12 جواري گرفتار

انسپيڪٽر محمد ابراهيم سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس ڇاپا هڻي گرفتاريون ڪيون

عبدالحميد راڄپر، اختر ميمڻ، راجا ميمڻ، نظام الدين ملاح، اختيار بلر، پرويز علي پٽ شامل

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز پوليس جو پٽ پاڙي ۾ جوا جي اڏي تي ڇاپو 12 جواري گرفتار ۽ پئسا به هٿ ڪيا ويا پوليس ايس ايڇ او انسپيڪٽر محمد ابراهيم سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ عبدالڪريم جٽ جي جوا جي اڏي تي خفيه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

جڙانوالا ۾ مسيحي برادري تي ٿيل ظلمن تي وڏي افسوس جو اظهار ڪيون ٿا: الاهي بخش

انتهاپسندن جي ان ڪاررواين تي سنڌن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون، جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

گذريل حڪومتن ڪڏهن به غريب مزدورن لاءِ نه سوچيو ۽ نه ئي غريبن لاءِ ڪو آواز اٿاريو: ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر جي سياسي ۽ سماجي شخصيت ۽ اڳواڻ سردار الاهي بخش انيل پٽي پنهنجي رهائشگاهه تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هو گذريل ڏينهن جڙانوالا ۾ مسيحي برادري تي ٿيل ظلمن تي وڏي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر ۽ فاطمه ڦرڙو جي قتل خلاف بدين ۾ احتجاجي مظاهرو

جي ڊبليو سي پاران ريلي ڪڍي مين علي بندر ڪينڊ روڊ پريس ڪلب ڪيڻ سامهون ڌرڻو هنيو ويو

پريس ڪلب جي صدر ظفر حسين حيدري عبدالغفور چانديو سيد حسن علي شاهه ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

ممتاز علي جت، سماجي اڳواڻ الهجڙايو پارس ڪنڀار، عبدالله چانديو، مبارڪ علي واهري، محمد سليم ڪنڀار شريڪ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر ۽ معصوم فاطمه ڦرڙو جي قتل خلاف پريس ڪلب ڪيڻ ۽ جي ڊبليو سي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مين علي بندر ڪينڊ روڊ پريس ڪلب ڪيڻ سامهون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: سينئر صحافي جان محمد مهر ۽ معصوم فاطمه ڦرڙو جي بي رحمانا قتل خلاف ڪيڻ شهر جا صحافي ۽ شهري سراپا احتجاج بڻيل آهن

بدين ۾ هيروئن سري عام وڪرو
ٿيڻ لڳي، ننڍي عمر جا ٻار پڻ
هيروئن واپرائڻ لڳا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ هيروئن سري عام وڪرو ٿيڻ لڳي ننڍي عمر جا ٻار بدين سٽي جي خالي جاين يا ڪچرا گهرن ۾ ويهي هيروئن واپرائڻ لڳا آهن بدين ۾ هزارين نوجوان آئيس هيروئن واپرائي رهيا آهن ايترو کلي عام هيروئن جو استعمال مان ثابت آهي ته بدين پوليس منشيات جي وڪرو ڪندڙن کي سوگهو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پنهنجي زندگي پاڻ تباهه ڪري رهيا آهيون: نشو واپرائيندڙ نوجوانن جو انڪشاف

پهرين اسان کي نشو واپرائڻ سان ذهني جسماني طور سڪون حاصل ٿيندو هو

اسان نشي جي ڪري هاڻي علائقي ۾ چور، ڌاڙيل جو ڪردار به ادا ڪري رهيا آهيون

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن ۽ آئيس ۾ عادي مجرم بڻجي ويل نوجوانن جي اڪثريت جو اهو به چوڻ آهي ته اسين هاڻ پنهنجي زندگي تباهه ڪري رهيا آهيون. پهرين اسان کي نشو واپرائڻ سان ذهني جسماني طور سڪون حاصل ٿيندو هو هاڻي اسان کي هڏن، سنڌن توڙي بدن ۽ هٿن پيرن ۾ نشو نه ڪرڻ تي تمام گهڻي تڪليف اذيت سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن، آئيس جي نشي ۾ سوين نوجوان ۽ ٻار عادي بڻجي ويا

نوجوان مرد ڪچري جي ڍيرن ڦليلي جي ڪنارن تي سرعام نشو واپرائڻ شروع ڪري ڇڏيو

علائقي جي اندر منشيات جو هيروئن، آئيس وارو ڪاروبار پڻ عروج تي پهچڻ شروع ٿي ويو آهي

هيروئن ۽ آئيس جي ڪاروبار کي بند ڪرائڻ لاءِ وڏي پئماني تي آپريشن ڪرڻ جي ضرورت آهي: ساجاهه وند

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن، آئيس جي نشي ۾ سوين نوجوان مرد، عورتون، معصوم ٻار عادي مجرم بڻجي پنهنجي حياتي منلوج ڪري ويٺا، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن، آئيس جو نشو عام طور سرعام واپرائڻ سان سوين نوجوان مرد، عورتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات جو وڪرو
سرعام ٿين بجاءِ ڪجهه علائقن ۾
چوري سان ڪيو وڃي ٿو

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان: شهري منشيات خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات
جي خلاف پوليس جو آپريشن
جاري آهي: ايس ايس پي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مزدوري خاطر ويل دادو واسي نوجوان مبينا طور سمنڊ ۾ ٻڏي ويو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ جلال پنهور جو رهواسي مظهر حسين ولد مرحوم محرم پنهور ٻڏي فوت ٿي ويو

اسان کي نوجوان جي لاش ۾ ڳولا لاءِ نيوي ۽ حڪومت سهڪار ڪري: وارثن جو مطالبو

دادو (ن سنڌيار) دادو واسي مزدوري خاطر ويل نوجوان مبينا طور سمنڊ ۾ ٻڏي ويو نوجوان دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جو رهاڪو ٻڌايو پيو وڃي مظهر حسين ولد مرحوم محرم پنهور دادو لڳ ڳوٺ جلال پنهور جو رهواسي آهي اطلاع ملڻ تي سندس چاچو الا بخش پنهور دادو کان ڳولا لاءِ ڪراچي گذريل ٽن ڏينهن کان ترسيل اجان تائين لاش هٿ نه اچي سگهيو نوجوان جي چاچي الا بخش پنهور جو چوڻ آهي ته منهنجو ڀائٽيو لانچ ذريعي مڇي جي شڪار لاءِ مزدوري ڪندو هو مقامي مهاڻن سان گڏ سمنڊ ۾ ويل هو هنن اپيل ڪئي آهي ته اسان کي نوجوان جي لاش ۾ ڳولا لاءِ نيوي ۽ حڪومت سهڪار ڪري جيئن اسان پنهنجي نوجوان جو آخري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڊپٽي ڪمشنر بدين جي حڪم تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر پاران ڪارروايون

اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو اشتياق علي منگي مختيارڪار پاڻ جي دڪانن تي ڇاپا هنيا

سرڪاري اڳ کان وڌيڪ اگهن ۾ وڪرو ڪندڙ تي ڏنڊ وجهڻ سان گڏ گودام پڻ سيل ڪري ڇڏيو

واپاري 300 ٻورين يوريا پاڻ جو ڊيلر غير قانوني طريقي سان ٻي تعلقي ۾ شفٽ ڪري رهيو هو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي حڪم تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر بدين امتياز علي پٽو اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو باگو اشتياق علي منگي مختيارڪار غلام ياسين پنهور ٽنڊو باگو ۾ پاڻ جي د/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڊپٽي ڪمشنر بدين جي حڪم تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر پاران ڪارروايون

راڌڻ ۾ گم ٿيل ٽن نوجوانن
جي ڳولا ۾ وارثن پاران مدد
جي اپيل ڪئي وئي

راڌڻ (رپورٽر) معصوم ٽن نوجوانن جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل وارثن ڏوڪري شهر جا رهواسي ۽ نرڙي محبت جي صحافي هبازلوهر جا ڀيڄها عزيز نوجوان شاگرد سهيل احمد پٽ قربان لوهر ۽ عاطف علي پٽ اسد علي لوهر ۽ سمير علي پٽ شهمير لوهر پرسرار نموني گم ڏينهن مان معلوم ٿيو آهي وارثن مبينا اغوا جو شڪ آهي جيڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شهدادڪوٽ ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر کي ميڻ بتيون ٻاري پيٽا پيش

صحافي عبدالله ڪوسو کي ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

الله داد خشڪ، رميز ٽونيو، فياض ميرحت، شهري اتحاد جي صدر وهاب پندراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي

اسرار چانڊيو کي جيڪب آباد ضلعي جي پوليس گرفتار ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: مظاهرين

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر کي ميڻ بتيون ٻاري پيتا پيش سندس قاتل گرفتار نه ٿيڻ ڪبي سعيد خان جي سينيئر صحافي عبدالله ڪوسو کي ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ صحافي اسرار چانڊيو جي گرفتاري مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ايس پي جي سڏ تي احتجاج ڪيو ويو، شهدادڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جهڏو ۾ مارڪيٽ ڪميٽي جي عملدارن کان چانهه جا پئسا گهرڻ تي ريڙهي بند

15 ڏينهن کان بيروزگار پورهيت ريڙهي تي ٻار ڪٽي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

نواز ميمڻ ۽ ابراهيم ڪلوئي ڏانهن پئسا رهيل هئا جيڪي گهرڻ تان ڪارروائي ڪئي وئي: الزام

بيروزگاري سبب تمام گهڻو پريشان آهيان منهنجو روزگار بند ڪري مون سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ پورهيت پاران مارڪيٽ ڪميٽي جي عملدارن کان چانهه جا پئسا گهرڻ تي عملدارن پورهيت جي چانهه جي ريڙهي بند ڪرائي ڇڏي، 15 ڏينهن کان بيروزگار پورهيت ريڙهي تي معصوم ٻار ڪٽي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف جو مطالبو ڪيس. خبر موجب جهڏو سبزي منڊي ۾ ريڙهي تي چانهه وڪرو ڪندڙ پورهيت حسين دل ميڊيا سينٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جهڏو: بيروزگار پورهيت ريڙهي تي ٻار ڪٽي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي

پنون ۾ ڳوٺاڻن طرفان بدامني
جي وارداتن ۽ مولچند پڪي
وٽان ڦرلٽ خلاف احتجاج

دڙو (رپورٽر) پنون ۾ ڳوٺاڻن طرفان بدامني جي وڌندڙ وارداتن ۽ مولچند پڪي وٽان ڳوٺاڻي علي جاکري کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ان ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج. پنون پوليس تي ڌوهارين جي سرپرستي ڪرڻ جا الزام. تفصيل موجب پنون ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ بدامني جون وارداتون زور وٺي ويون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ظالمن جي حمايت ناهي ڪئي، اهو ڪيترو به ويجهو ڇو نه هجي: فضل علي شاهه

اسان جون همدرديون هميشه مظلومن سان رهيون آهن ۽ هاڻي به اسان مظلومن سان گڏ آهيون

تحقيقات ڪرائي وڃي جيڪو به ملوث نڪري ته ان خلاف سخت کان سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

ڪجهه ماڻهون جوابدارن جي آڙ ونئي پير برادري کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا آهن جيڪا غلط ڳالهه آهي

راڻي پور (رپورٽر) پير آف راڻي پور ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳوٽي ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهه جيلاني جن ۽ پير سيد احمد رضا شاهه جيلاني ۽ پير سيد احمد نواز شاهه جيلاني جن پنهجو موقف ڏيندي چيو آهي ته اسان کي انتظار هيو ته پوسٽ مارٽم جي رپورٽون اچن ۽ رپورٽون اچي وڃن آهن اسان جون همدرديون هميشه مظلومن سان رهيون آهن ۽ هاڻي به اسان مظلومن سان گڏ آهيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 21 آگسٽ 2023ع

مهانگو ٿيندڙ اٽو ۽ عوام لاءِ وڌندڙ پريشانيون

سنڌ هائيڪورٽ فلور ملز پاران ڪڻڪ جي چرپر تي پابندي جي خلاف درخواست تي ايندڙ شنوائي تي خوراڪ واري سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر فوڊ اٿارٽي کي گهرائي ورتو آهي. سنڌ هائيڪورٽ ۾ فلور ملز پاران ڪڻڪ جي چرپر تي پابندي خلاف درخواست جي شنوائي ٿي. فلور ملز جي وڪيل موقف ڏنو ته اسان کي ڪڻڪ جي خريداري لاءِ به اجازت جي ضرورت هوندي آهي، اسان کي ضرورت مطابق ڪڻڪ خريد ڪرڻ کان روڪيو پيو وڃي. ڪڻڪ جي چرپر تي پابندي لاءِ سنڌ ڪابينا کان منظوري نه ورتي وئي آهي. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا ته ڪراچي ۾ استعمال ٿيندڙ ڪڻڪ شهر کان ٻاهران اچي ٿي، اوهان ماڻهو ڇا چاهيو ٿا ته هتي ماني 50 رپين ۾ ملي. هي هڪ وڏو مسئلو آهي. ايندڙ شنوائي تي آفيسر پيش ٿي ان جو جواب ڏين. لاڙڪاڻي مان هلندڙ ڪڻڪ جي ٽرڪ افغانستان به وڃي سگهي ٿي، ان کي روڪڻ لاءِ ڪي قانون ناهيا وڃن ٿا. عدالت ايندڙ شنوائي تي خوراڪ واري سيڪريٽري ۽ فوڊ اٿارٽي واري ڊائريڪٽر کي گهرائي ورتو ۽ شنوائي سومر ڏينهن 12 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

ٻئي طرف يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽي جو اگهه اچا وڌي ويو ۽ 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1420 رپين جو ٿي ويو آهي. يوٽيليٽي اسٽورن تي وزيراعظم رليف پيڪيج تحت سبسڊي ختم ڪرڻ جا اثر سامهون اچي ويا آهن. يوٽيليٽي اسٽورز انتظاميه طرفان عام صارفين لاءِ اٽي جي نئين قيمت مقرر ڪئي وئي آهي. هاڻ عام صارفين لاءِ 772 رپين ۾ ملندڙ 10 ڪلو اٽو 1420 رپين جو ٿي ويو آهي. جڏهن ته 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1296 رپين مان وڌي 2840 رپين جو ٿي ويو آهي.

جيڪا ڪسر "چونڊيل حڪومتون" ڇڏي ويون، اها وري نگران حڪومت ڪڍڻ جي واٽ تي هلي پئي آهي. عام ماڻهو اٽي لپ لاءِ پريشان آهي ۽ حڪمرانن جي ڪنن تي جون به نٿي چري. ڪنهن به احساس ناهي ته عام ماڻهون ويلن جي ماني جو ڪيئن بندوبست ڪندو هوندو. اسان سمجهون ٿا ته عام لاءِ جيئڻ جا سمورا رستا بند ڪيا پيا وڃن. سوال اهو آهي ته حڪمران ڇا پيا ڪن.

صورتحال بنهه چٽي آهي ته عوام لاءِ ڪي به آسانيون پيدا نه پيون ڪيون وڃن. مهانگائي ئي عوام جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو نه پيو وٺي. نه رڳو اٽو پر هر شئي مهانگي ٿي وئي آهي. حڪمران عوام کي ذهني طور مفلوج ڪرڻ جي مڪمل تياري ڪري ورتي آهي. ڇا ڇا مهانگو نه ڪيو ويو آهي. ڊالر مهانگو، بجلي مهانگي، گيس مهانگي، تيل مهانگو، ڀاڄيون مهانگيون. ڪپڙا لٽا سڀ ڪجهه مهانگو ٿي ويو آهي. مهانگائي ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي ۽ عام ماڻهو جو جيئڻ جنجال ٿيندو پيو وڃي. عوام جا اهنج گهٽجڻ بدران انهن ۾ بدترين واڌ اچي رهي آهي. عوام اڄ به سستي اٽي لپ لاءِ پريشان آهي. 15 هزار ڪمائيندڙ هڪ ماڻهو پريشان آهي ته هو انهن ڏوڪڙن مان گذرسفر ڪيئن ڪري؟ اسان سمجهون ٿا ته مهانگائي عوام لاءِ عذاب بڻجي وئي آهي، جنهن جو خاتمو اچڻ گهرجي. عوام کي رليف ملڻ گهرجي. اٽو سستو ٿيڻ گهرجي.

روپلو ڪولهي تاريخ جو مزاحمتي ڪردار

اعجاز ممنائي

تاريخ ۾ هزارين اهڙا ڪردار ملن ٿا جيڪي وسرندي به نه ٿا وسرن ۽ دل چوي ٿي ته کين هر هر ياد ڪجي ڇو ته اهي ڪردار ڌرتي ۽ ان جي دفاع خاطر پنهنجي جان قربان ڪري ويا اهڙن عظيم ۽ اعليٰ ڪردارن ۾ پنهنجي ڌرتي" مٿان سر گهوريندڙ قومي هيرو روپلو ڪولهي به هڪ آهي جنهن برطانوي تسلط خلاف ڪيترن سالن تائين گوريلا جنگي ڪارروايون ڪندي انگريز ڪارندن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون. روپلو ڪولهي سموري ڄمار پنهنجي بهادر ساٿين سان ڌرتي جي آزادي ۽ مارواڙن جي ڀلائي لاءِ وڙهندو رهيو ۽ گرفتار ٿيڻ کان پوءِ انسانيت سوز تشدد جا سور سهندي به سندس حوصلا ڪارونجهر جهڙا اڏول ۽ اوچا رکندي هن پنهنجي ساٿين بابت ڪا ٻوڪ ٻاهر نه ڪڍي ڇو ته هن امام حسين عليه السلام جي ان قول کي سيني اندر سانڍيو هو ته "ذلت جي زندگي کان عزت جي موت بهتر آهي".

روپلو ڪولهي 1818ع ۾ شانتو ڪولهي جي گهر ۾ اک کوليندڙ ۽ ڪيسر ٻائي جي ڪُک مان جنم ورتو جيڪا ذات جي چوهاڻ هئي. جوان ٿيندي ئي روپلو جو واهه ميٺاوتي (ميڙاوتي) نالي عورت سان ٿيو جنهن سندس زندگي ۽ جدوجهد ۾ جهڙي ريت مڙس مائي جيان ساٿ ڏنو اهڙو باغين جي ونين جي تاريخ ۾ ورلي سان ملي ٿو پارڪر ۾ رهندڙ ڪولهي ڪاتر ۽ تيراندازي جا ماهر رهيا آهن سي سوڍن جي حڪومت ۾ گجرات، واگڙ ۽ ڪڇ کان کهي ٽولين ناهي ڏاڙا هڻندا هئا ته آهستي آهستي ننگرپارڪر ۽ ٿرجي مختلف علائقن ۾ رهائشون اختيار ڪيون جن جي بهادري پسندي سوڍن جي ٽيلات راڻي کين پنهنجي لشڪر ۾ ڀرتي ڪيو ۽ کين وڏا وڏا عهدا ڏنا ننگرپارڪر جو سماجي ۽ معاشي نظام صدين کان اتان جا حڪمران راڻا هلائيندا رهندا هيا جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڏل نه هوندي هئي پر زميني فصل مان راڻي جو جالنگ نالي اناج جو ٻورو اپت تي ٽيڪس جي صورت ۾ نافذ هوندو هيو جنهن ۾ راجا ۽ پرجا مشترڪ طور تي راضي هوندا هئا فصل جي ان ٻوري جي قيمت انمول ڀائيندي راڻا رعيت سان سندن حفاظت جو وچن ڪندا هيا ته "اهي هر اوکي سوکي ويل ۾ سندن جي هر قسم جي مدد پڻ ڪندا رهندا هيا".

سنڌ جي فتح کان پوءِ ننگرپارڪر وارو علائقو انگريزن جي پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ ڪرنل ٽروٽ جي حڪم هيٺ رهندو آيو جتي راڻي ڪرن سنگهه جي حڪمراني هئي. انگريزي سرڪار طرفان راڻن ۽ راڄن جي سندن سماج ۾ پڪڙ ڪمزور ڪرڻ لاءِ جڏهن چراگاهن، فصلن ۽ آمدني جي مختلف ذريعن تي ٽيڪس ۽ لائيسنس وغيره لاڳو ڪيا ويا ۽ عام ماڻهن تي مختلف حيلن بهانن سان ڏوهه ڏنڊ مڙهڻ عام ٿي ويو. صدين کان کيڙيندڙن ۽ ڪائيندڙن جي زمينن تي سرڪاري نيا لڳائي ڍلن جي بار جا رواج وڌا ويا. مالڪن جي ملڪيتن جون سندون رد ڪرڻ شروع ڪيون. ڪر ڪٽي گهمندڙ سفيد پوش ماڻهن سان سرڪاري عملدارن طرفان بدسلوڪيون ۽ مختلف پابنديون روز جو معمول بڻجي پيون ته اهڙي ناجائزين جا سڌا سنوان سماجي ۽ نفسياتي اثر راڄائن سان گڏ پرجا تي پوڻ شروع ٿيا ان لاءِ عامن ٽرڙي خاصن ۾ انگريزي سرڪار خلاف نفرت وڌندي وڌندي بغاوت جي گس تي چڙهي پئي جنهن روپلي ڪولهي جهڙي سماج دوست انسان جي امر ڪردارن کي جنم ڏنو سنڌ ۾ ميرن جي صاحبي دوران روپلو ڪولهي پنجويهه سالن جي ڀرپور جواني ۾ 1843ع ڌاري ننگرپارڪر جي راڻي ڪرن سنگهه جي لشڪر ۾ سپاهي ٿيو ۽ ان سال ئي سنڌ تي برطانوي قبضي جي ابتدا ٿي انگريز سرڪار رياست جي بيشمار ٻين حصن جيان ٿر ۽ ننگرپارڪر جي راڻن سوڍن به انگريزي عملداري جي آڻ ڪونه مڃي. تنهنڪري برطانوي گورنمينٽ مختلف جاين تي انتظام سنڀالڻ ۽ بغاوتون ڪچلڻ لاءِ پنهنجا عملدار (پوليٽيڪل ايجنٽ) مقرر ڪيا جن مان ننگرپارڪر واري علائقي تي ڪئپٽن اسٽنلي ريڪس نالي ٻهريون پوليٽيڪل ايجنٽ موڪليو ويو جنهن کان پوءِ 1846ع ڌاري سندس جاءِ تي ڪرنل ٽروٽ کي موڪليو ويو جنهن 1856ع ۾ پارڪر کي حيدرآباد ضلعي جي انتظامي جوڙجڪ جو حصو بڻائي ڇڏيو. ٽروٽ ان علائقي ۾ 1871ع تائين انتظام سنڀاليندي پنهنجي حقن لاءِ وڙهندڙن جي عوامي جدوجهد کي پنهنجي ڀيڙا ڪيل سرڪاري ٽولن جهڙوڪ فوجن، آفيسرن ۽ مقامي غدار وڏيرن جي مدد سان سختي سان ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سموري عرصي دوران برطانوي ڪارندا ٽوڙي حڪمران طبقا ٿري ۽ پارڪري باغين جي گوريلا ڪاروائين سبب هتي ڪڏهن به سک جو ساهه کڻي نه سگهيا جنهن ڪري انتقامن انهن هن علائقي کي انتظامي طور تي سنڌ کان الڳ ڪري ڪڇ سان ملائي ڇڏيو. انتظامي قبضي ڪرڻ کان پوءِ انگريزي عملدارن هتان جي راڄائن ۽ پرجا کي مختلف طريقن سان جاگيرون ڏيئي آڻ مڃائڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا پر ننگر پارڪر جا خودمختيار سوڍا پنهنجي اندروني ڪاروهنوار ۾ خارجي دخل اندازي کي دلئون قبول ڪرڻ جا روادار نه هئا تنهن ڪري انهن مان ڪيترائي ٻاهرئين تسلط خلاف اٿي ڪرا ٿيا ۽ پارڪر جي راڻي جي سڌ تي سندس ڀاءُ پوپٽ سنگهه، ويراواهه جو راڻو لاڌو سنگهه، ڀهراڻي ۽ جو نگر ڪلچي، پرنجو، مهاسنگهه، اڏير سنگهه، مترو ڪولهي، ديناگانو پنهنجي پنهنجي ساٿين سان ڪلهر ڪلهي ۾ ملائي هڪ ٿي بيٺا. روپلو ڪولهي پڻ پنهنجي برادري جي پنج هزار ڪولهي ساٿين سان سندس باغي ڪئمپ ۾ شامل ٿيو اهڙي ريت سنڌ تي برطانوي تسلط جي

سورنهن سالن بعد 15 اپريل 1859ع ڌاري اهي پارڪري جوڌا پنهنجي اٽ ڏهه هزار لشڪر سميت ڪرنل ٽروٽ جي مقامي ماڻهن سان ناجائزين ۽ ظلم خلاف ان بغاوت جو حصو بڻجڻ جو اعلان ڪيو روپلو ڪولهي ۽ ان جي ساٿين پنهنجي گوريلا ڪاروائين ذريعي انگريزي دفترن جي پيچ ڏاهه ڪندي ڪيمپن ۽ ڪاردار جي ڪچهرين کي ٻاهيون ڏنيون. انگريزي دفترن ڏانهن ويندڙ ٽارون ڪيپون. سندن ايندڙ ويندڙ رستن جون رسدون بند ڪيون. سندن خزانا ڦريا ۽ رستي ۾ ايندڙ بيشمار انگريزي افسر ۽ ڪارندا پڻ ماريا ائين انگريزن جي سنڌ تي قبضي خلاف گوريلا ويڙهه جو آغاز ڪيو ۽ ڪارونجهر جي جبلن ۾ لڪي انگريزن خلاف اهڙيون اثرائتيون ڪاروائيون ڪيون جو انگريز حڪومت پريشان ٿي وئي نيٺ باغين جي اهڙي ڪاروائين متعلق 18 اپريل 1859ع تي ننگرپارڪر جي مختيارڪار ڏيئومل طرفان اها خبر حيدرآباد پهچائڻ تي ڪرنل ٽروٽ ٽرڊ بلوچي ريجمينٽ جو وڏو جٿو توبخاني سميت ننگر پارڪر ڏانهن موڪليو جنهن جي سنڀال لاءِ پاڻ به اسلام ڪوٽ اچي پهچي ۽ جتي 2 مئي 1859ع ڌاري مختلف علائقن مان گهرايل سندس آفيسرن، ڪليڪٽرن، سپرنٽينڊنٽن، پنهنجي فوجن ۽ مقامي غدارن جي مدد سان راڄي، راڻي ۽ سوڍي باغين تي ڀاري توبخانن سان حملو ڪري ڏنوجن سان پارڪر جا باغي شهزادا پنهنجي رواجي ڪمزور هٿيارن سان ميدان تي نرولر ٿي وڙهيا پڻ ڏينهن تائين هلندڙ ان لڙائي ۾ راڻن ۽ سوڍن جو تمام گهڻو جاني نقصان ٿيو بيشمار گهوڙا ٿا پنهنجا پڪڙا ڇڏي ڪارونجهر جي دامن ۽ غارن ۾ وڃي لڪيا. جڏهن ته لاڌي سنگهه ۽ سندس ڪيترن ئي ساٿين کي ٻانڌي بڻايو ويو تنهن کان پوءِ سرڪاري ڪارندن ڀاڳيلي باغين جي تلاش ۾ نڪرندي ڪجرڙالو ۾ واقع سندن ڪيمپ تي حملو ڪيو. جنگ دوران لاڌي سنگهه جو پٽ اڏيسنگهه پارڪر کان ٻاهر ويل هيو تنهن پنهنجي پيءُ جي گرفتاري جي خبر ٻڌندي سرڪاري جيل تي زبردست حملو ڪري ڪيئي انگريزي ڪارندن کي ماري پنهنجي پيءُ ۽ سندس ساٿين کي زبردستي آزاد ڪرايون ان افراتفري ۾ ڪرنل ٽروٽ فرار ٿي لاڌي مينگهواڙ جي گهر ۾ وڃي لڪيو جنهن ڪيس اٺ جي سواري ڏيندي پنهنجي ساٿين ذريعي حيدرآباد ڏانهن پهچائڻ ۾ مدد ڪئي. ڪرنل ٽروٽ ٻيهر ڪرنل ايونس جي مدد سان طاقت، فوج ۽ هٿيار پنهوار جمع ڪندي جون 1859ع ۾ پارڪر جي بچيل باغين کي ختم ڪرڻ لاءِ هزارين فوجي دستا تيار ڪري آيو ۽ راڏن پور ڪان سلطان ڪوٽ تائين جي سموري رستن تي ڪڙو چاڙهيندي سخت ناڪابندي ڪئي انگريز فوج سان اسلام ڪوٽ پرسان ٿيندڙ ان آخري مهاڏي ۾ سنڌي لشڪر جي سرواڻي روپلو ڪولهي ڪري رهيو هو جڏهن ته انگريزي فوج جي ڪمان ڪرنل ايونس هٿ هيٺ هئي. انگريزن وٽ دنيا جو بهترين اسلحو ٻم، بندوقون، رائيفلون، بارود خانو ۽ ٻيا جديد هٿيار هيئا جڏهن ته سنڌي جوڌن وٽ ڏاڪا، ڪرهانون، گليلون، ڏنائيون، تلوارون، برڇون ۽ ڀالن جهڙا معمولي هٿيار هئا پر پوءِ به اهي ٻي جگري ءُ سان مقابلو ڪندا رهيا. جنگ ۾ دشمن جو پلڙو ڀاري ڏسي راڻو ڪرن سنگهه پنهنجي ساٿين سميت ڪارونجهر ۾ واقع هڪ خفيه پناهه گاهه ۾ وڃي لڪيو جتي سيٺ مهاوجي لوهاڻو، هنس پري ٻائو ۽ روپلو ڪولهي ڪاڏي جو ضروري سامان ۽ پاڻي وغيره پهچائيندا هئا. روپلو ڪولهي پڻ پنهنجي ساٿين سان ڪارونجهر ۾ لڪي مورچا ناهي ويهي رهيو ته جيئن موقعو وٺي ڇاپامار ڪاروايون ڪجن. روپلو جي ان جنگي حڪمت عمليءُ سبب انگريزن کي پنهنجي ڪنندڙ جنگ هار ۾ تبديل ٿيندي نظر آئي، سوين باغين کي مارڻ جي باوجود جڏهن ڪرنل ٽروٽ جڏهن روپلو ۽ ان جي ساٿين کي مارڻ، پڪڙڻ يا بغاوت کي ڪچلڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو ته انهن پنهنجي غدار ساٿين کي ٻيهر لالچون ڏيڻ شروع ڪيون جن سازڙي تي واقع ڪرهه منجهان پاڻي ڀريندي روپلو ڪولهي ۽ سندس ڪجهه ساٿين کي چالاڪي سان ٻانڌي بڻائي پنهنجي انگريزي آقائن وٽ پيش ڪيو انگريزن، روپلي ڪولهيءَ تي ڪيس هلائي ڪيس بغاوت جي الزام هيٺ 22 آگسٽ 1858ع تي سندس ساٿين سميت ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيو. هندستان جي پڪ سان 22 هزار چورس ڪلوميٽرن تي مشتمل هي علائقو 1843ع کان 1858ع تائين حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ سان الحاق ۾ رهيو پر ان دوران انگريز لاٽ صاحب، روپلي ڪولهي جي ڪارونجهر ۽ ٿرپارڪر لاءِ جاڪوڙ ۽ مزاحمت جي ڪارڻ ڪڏهن به سک جو ساهه کڻي نه سگهيا. تنهنڪري انگريزن هن علائقي کي سنڌ کان الڳ ڪري ڪڇ سان ملائي ڇڏيو روپلو ڪولهي پنهنجي مزاحمت دوران مئي 1859ع دوران گرفتار ڪيو ويو ۽ انگريز عذاب گهرن ۾ مٿس تمام گهڻو تشدد ڪيو ويو ڪانٽس سوڙن ۽ راڄپوتن جا نالا گهريا ويا جن سان گڏجي ڪجهه عرصو روپلو ڪولهي هزارين ڪولهين سان گڏجي مزاحمتي ويڙهه وڙهندو رهيو روپلو ڪولهي جنهن لڳاتار 16 سال ڏڦن، ڀالن، ڪرهان ۽ گليل سان ويڙهه وڙهي تنهن انگريزن کي پنهنجي هڪ به ساٿي جو نالو نه ٻڌايو جڏهن ڪيس چيو ويو ته سوڍا مال ملڪيتون جاگيرون وٺي ناهه ڪري چڪا آهن. تون به ناهه ڪري مزاحمت تان هٿ ڪڻ ته روپلي چيو ته "منهنجي ڌرتي" تان قبضو ختم ڪري هتان هليا وڃو مان مزاحمت ڇڏي ڏيندس". جيڪا ڳالهه انگريز سرڪار کي نه وڻي ۽ روپلو ڪولهيءَ مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيرائڻ شروع ڪيا

ايتري تائين جو سندس ٽنهن اڱرين جي آڱرين کي ڪپهه ۾ ويڙهي ڏيئي جي وٽين جيان تيل ۾ ٻاري سا ڙيو ويو اهڙي روح اوبڙيندڙ انسانيت سوز تشدد کي به روپلو "پنهنجي وطن جي آزادي جي روشني جي علامت ڀائيندي پنهنجي ساٿين ۽ سائيهه جي آزادي جي علامت طور اڪين سان لاتو ۽ انگريزن کي للڪاري چيو ته مان توهان کان مور نه مڙنو آهيان مان پنهنجو ساهه ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر انگريز سرڪار آڏو ڪڏهن به ڪنڌ جهڪائڻ قبول ناهي جڏهن انگريزي ٽارچر جا ماهر روپلو ڪولهي جي جسم کي هر پاسي اڪيڙڻ جي باوجود ان جي سبيل زبان مان مرضي جي معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا ته انهن سنڌين جي ڪمزوري غيرت کي هٿيار بڻائڻ جي ڪوشش ڪندي سندس ونيءَ کي گهرائي چيو ته "مائي پنهنجي مڙس کي سمجهاءِ ته هو اسان سان ملي اچائي جهيڙي تان هٿ ڪڻي انگريزي باغين جا نالا ٻڌائي ته ڪيس جاگير ۽ خلعتون ڏنيون وڃن گهوٽائي پر مهذب ڪولهڻ مائي جيڪا گورهاري پڻ هئي تنهن انگريزي آفيسرن جون سمورين لالچون ۽ ڌمڪيون پنهنجي بهادر مڙس کي هڪ دفعو ڏسڻ جي بهاني ٻڌيون جو هو ڪيس روپلي کي راضي ڪرڻ جي آسري مڙس سان ملائي رهيا هئا. ميٺاوتي جڏهن پنهنجي محبوب مڙس جي چچريل وجود کي منگهرن ۾ وڙيل ڏٺو ته سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي پر پنهنجي رئي جا پلو ٻي ساهه پير ۽ حوصلو سنڀاليندي ور کي مخاطب ٿيندي چيو. "روپاجي فرنگي مون کي ان لاءِ هتي وٺي آيا آهن ته جيئن مان توکي غداري تي راضي ڪيان پر مان هتي تنهنجو ديدار ڪرڻ آئي آهيان". پوءِ ڪمري ۾ پٿين سان ٽيڪ ڏئي ٻيٺل گوري وديشين ڏي نگاهي. ڪمري ۾ پڪڙيل سڙيل جسم ۽ خون جي سراند کي نظرانداز ڪندي چيائينس ته. "هنن مون کي اها ڌمڪي پڻ ڏني آهي ته جيڪڏهن مان توکي راضي نه ڪيو ته سرعام منهنجي لڄ لٽي ويندي". ساهي پٽيندي ۽ خشڪ ڳلي کي ڳيت ڏئي آلو ڪندي ٻيهر مخاطب ٿيندي چيو "روپا ٻيلي مري وڃجان پر آڻ نه مڃجانءِ".

ميٺاوتي مڙس جي بي ساهي سڙيل ۽ چچريل هٿ مٿان پنهنجو خوبصورت سانورو هٿ رکندي کيس تسلي ڏيندي چيو ته "دشمن منهنجي کهڙي به حالت ڪن پر تون سندن ڪنهن به ڌمڪي ۾ اچي کين ساٿين جا لڪ نه ٻڌائجان". ميٺاوتي اکين جا نير ضبط ڪري پنهنجي ڪک تي هٿ ڦيريندي ڪيس چيو "جيڪڏهن توکي ماريو به ويو ته توسان وچن ٿي ڪريان ته مان هڪ ٻئي روپاجي کي جنم ڏئي سندس اهڙي پرورش ڪندس جو تنهنجو ٻهروپ وٺي جسم ۾ رت جي آخري ڦڙي تائين آزادي جي جدوجهد ۽ مزاحمت کي جاري رکندو".

ڪولهڻ مائي وڏو ساهه ڀري جهڙوڪ دلاسو ڏيندي چيو "روپلا الڪو نه ڪر جو ٽرجون راڻيون، سوڍيون يا ڪولهڻيون اڃان سنڌ ڪونه ٿيون آهن".

جنرل ٽروٽ جيڪو کين غور سان ان اميد کين تڪي رهيو هيو ته روپلي جي زال سندس وڪالت ڪندي پر مائي ڪولهڻ ٽروٽ ڏي منهن ڪندي تيز آواز ۾ مڙس کي چيو ته "هي صاحب مون کي هتي ان لاءِ وٺي آيو آهي ته مان تنهنجو زخمي وجود ڏسي ڪمزور ٿي تنهنجي ٻوان ۽ توکي غداري جو گس وٺرايان پر تون ائين نه ڪجان. جيڪڏهن تون ماريو به وئين ته مان تنهنجي وڏوا سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندي توسان هر جنم ۾ جڙيل هوندس". ڏکيون مهلون مڙسن لاءِ اينديون آهن جيڪڏهن تون ثابت قدم ٿي ڌرتي سان وفاداري نڀائي ته صدين تائين دوست ۽ دشمن توکي ياد ڪندا رهندا". جڏهن انگريزي ڪارندا روپلو ڪولهي تي پنهنجي ظلم جا سمورا هنر آزمائي ٿڪا ته ڪڙين ۾ وڪوڙيل روپلي پنهنجي ونيءَ کان مليل حوصلي جي آڌار پريل آواز ۾ ٽروٽ کي ٽوڪيندي چيو ته.

"سوڍا وتاڙون لاج جائي، مارو لاجي پارٿو ديش،
ڪارونجهر ني ڪارٽي هون، سؤ سؤ ڪباڙون سيس،
ٽروٽ تون ڏڪوجي ديش وديش، ڪولي مليا تا ڪارونجهرنا".

(جيڪڏهن مان توکي سوڍي جو ڏس ڏيڻ جي آڻ مڃان ته چڻ پنهنجي لڄ وڃائي ديش تي غداري جو ٽڪو لايان. مان ڪارونجهر واسطي سوين ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ آهيان. ٽروٽ تون ڏيهه پرڏيهه وڃي ٻڌائجانءِ ته "مون کي ڪارونجهر جو هڪ بهادر ڪولهي گڏيو هو" (جنهن ڪڏهن آڻ نه مڃي).

ڪرنل ٽروٽ ٽن مهينن تائين روپلو ڪولهي تي انسانيت سوز ظلم تشدد ڪندي به جڏهن سندس پاهه ڪيل جسم ۾ موجود ڀهاڙي حوصلي کي جهڪائي نه سگهيو ته راڻن جي تلاش ۾ ناڪام ۽ نامراد ٿيل ٽروٽ بغير ڪنهن عدالتي ڪاروائي جي 22 آگسٽ 1859ع جي رات جوائين وڳي ڌاري ننگر جي مشرق پاسي ۾ موجود سٽي گام پرسان وهندڙ گرڌاڙو چشمي جي ڪناري تي بيٺل ٻير جي ٽلهي وڻ جي هڪ جهڪيل ٽاري ۾ رسي ٽنگي اٿوت روپلو ڪولهي کي ڦاسي ڏني وئي اڄ به حڪمران روپلي ان ڪارونجهر تي قابض ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پوءِ ڇا ڪو روپلو ڪولهي ميدان ۾ آهي جيڪو سرڪار سان جنگ جوٽي ۽ پنهنجي ڏنگن جي حفاظت منظر جدوجهد ڪري

سڄڻ ۽ سائيهه ڪنهن اناسيءُ وسري
حيف تنين کي هوءُ وطن جن وساريو

> پاڀوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄڻين:
> اَلَستُ بِرَبِّڪُم، چيائون جنهن وارَ؛
> سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

وطن سان ويساهه گهاتيون

عزيزه حنا عباسي

خوش حال سنڌ جي بدحال ماڻهن کي هاڻي ته همت ڪري سنڌ سان ويساهه گهاتي ڪندڙن کان ووٽن وٺڻ کان پهرين ڪجهه سوال ڪرڻ گهرجن ۽ پڇيو وڃي ته توهان سنڌ جو ڇا حال ڪيو آهي، انهن کان پڇيو وڃي ته خوش حال سنڌ جا ماڻهو بد حال ڇو آهن، ڇو سنڌ صوبي جا ماڻهو پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ننڌڪا ٿيل آهن لاوارث جيان ڌارين هٿان ڪتجي رهيا آهن، ڇو پيرن، وڏيرن کي ايتري آزادي ڏني وئي آهي جو معصوم ٻچن ۽ ماڻهن کي مارڻ جيارڻ جو ڪم به آزاديءَ سان ڪري رهيا آهن، ڪير به هنن کان پڇڻ وارو ناهي، هڪ پاسي سنڌ سان اها ويڌن ٿي رهي آهي ۽ ٻئي پاسي صوبي مان نڪرندڙ تيل، گئس، ڪوئلي جي ڪمائي ڪيڏانهن وڃي رهي آهي، جنهن صوبي مان تيل نڪري ٿو اتي جا ماڻهو ڪانيون ڇو ٿا ٻارين، انهن کي گئس ڇو نٿي ڏني وڃي، سنڌو درياهه جو پاڻي سنڌ لاءِ ڇو نه آهي، سنڌ جا ماڻهو بک، اڄ، بيروزگاري سبب خودڪشيون ڇو ڪري رهيا آهن، ٿر هن جديد دور ۾ به ڏڪاريل، بکايل ڇو آهي، جتان ڪارو سون نڪري پيو اتي جا معصوم ٻچا بکن ۾ ڇو زندگيءَ کان پري وڃي رهيا آهن، ڇو سنڌ جي سونهن ڪارونجهر جبل کي به نيلام پيو ڪيو وڃي، سنڌ جون زمينون تين وال ڪري غير سنڌين کي چوڙهائي ڏنيون ويون آهن، سنڌ جي شهرن تي ڌاريا قابض ڇو آهن، افغانين، باجوڙين جي لوڏ ڇو ڪير روڪڻ وارو ناهي، ڇو سنڌ صوبي مان سينيٽ، ايم. پي. اي، ايم اين اي، جو سيٽون ڌارين غير سنڌين کي ڏنيون وينديون آهن، ڇا سنڌ جا ماڻهو اهل ڪونهي؟ سوا وڏيرن ۽ جاگيردارن کان، ڇو سنڌ جي تعليم، صحت تباهه آهي، ڇو سنڌ جي ادارن ۾ سنڌين کي نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن. ۽ اهڙا انيڪ سوال ڪرڻ گهرجن، ته سنڌ جا روڊ رستا باغ، باغيچا، وستيون واهڻ، ٻنيون ٻارا برباد آهن، سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن کي هٿي ڏيڻ وارن کي ڇو کلي ڇوٽ ڏني وئي آهي ڇو سنڌ ۾ معصوم گلن کي وحشت جو نشانو بڻائي مرجهايو ٿو وڃي، جنهن جو تازو مثال راڻيپور ۾ ننڍڙي فاطمه جو آهي جنهن کي هڪ پير پاران وحشت جو نشانو بڻائي ماريو ويو آهي، ڇو سنڌ جي مادر علمين ۾ ڇوڪرين کي قتل ڪري خودڪشين جو رنگ ڏيئي ملزمن کي بچايو ٿو وڃي ۽ نياڻين جي اعلي تعليم جا رستا بند ڪيا ٿا وڃن، اهو سڀ وفاق ته نٿو ڪري سگهي جيستائين صوبائي حڪومتون ان جو ساٿ نه ڏين، ڇو اوهان اڃان به سنڌ جي شعور کي بيوقوف ٿا سمجهو، ان کي دٻائڻ هيسائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو، صحافي جان محمد مهر جو قتل ان سلسلي جي ڪڙي آهي، ڇو توهان پنهنجي ئي ڌرتيءَ سان سچا ناهيو ان جي ترقيءَ جون راهون بندڪريو ويٺا آهيو، آهي ڪو اهي سوال پڇڻ وارو؟، آهي ڪو جواب ڏيڻ وارو ته سنڌ ۾ قانون ۽ انصاف ڪٿي آهي قانون ڇو ڪمزور آهي ڏوهارين کي سزا ڏيڻ بدران بچايو ڇو ٿو وڃي معصوم نياڻي فاطمه ڪيس ۾ ملوث حنا شاهه جو خبرن موجب ضمانت به منظور ٿي وئي جڏهن ته ٿيڻ نه کپي ها، ڪاش ته منهنجي سهڻي ڌرتيءَ جا اهي سڀ مسئلا حل ڪرائڻ وارو ڪو سچو انسان ايان اچي الله جي حڪم سان نازل ٿئي ته سنڌ ماضيءَ وارو سايوئي عروج ماڻي، جڏهن سنڌ دنيا ۾ ڪاروبار ۽ تعليم سبب مشهور هئي، دنيا مان ماڻهو کهي سنڌ ايندا هئا ۽ سنڌ تي سفر ناماءِ ڪتاب لکندا هئا هاڻي اهي سڀ شيون سنڌ لاءِ خواب بڻجي ويون آهن، هن حڪومت ۾ ته ڪٿي ڪجهه شيون وڌيڪ ٿيون آهن، پر سنڌ سان شروع کان اهڙا رويا رکيا ويا آهن، هاڻي انهن روين کي بدلجڻو ئي پوندو هاڻي سنڌ جون سيٽون به سنڌ ۾ رهندڙن اصل ڌٽين کي ڏيڻ گهرجن ڪنهن افغاني يا باجوڙ وزيرستانين کي نه، اهو ئي سيني جي حق ۾ بهتر ٿيندو ۽ اسانجي ماڻهن کي به ووٽ ڏيڻ مهل هاڻي هوش کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ سوچي سمجهي قدم وڌائڻ گهرجن.

****

ذيلي قاعدن 4 ۽ 5 ۾ ترميم ڪئي وڃي ته جيئن تڪن جي وچ ۾ آبادي جي فرق کي ضلعي سطح جي بدران صوبي جي سطح تي ڏٺو وڃي، قانون موجب اليڪشن رولز 2017 جي شق نمبر 12 ۽ 13 ۾ ضروري ترميمون ڪيون پيون وڃن ته جيئن شهرين پاران اعتراض داخل ڪرڻ جي عمل کي آسان بڻائي سگهجي ۽ تڪبندين جي ابتدائي تجويزن تي انهن جي ٻڌائي ٿي سگهي. ۽ باضابطه ٻڌڻ کان اڳ شهرين جي اعتراضن جي ابتدائي...

اڄ ڪلهه نوجوان ڪامياب ماڻهن جون ڪهاڻيون ڏسڻ چاهين ٿا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن ڪنهن به پارٽي جو نالو وٺڻ کانسواءِ چيو ته مون کي ڪوڙ پارٽين دعوت ڏني آهي ڇو ته مان آواز اٿاريندي آهيان. مستقبل ۾ ٿي سگهي ٿو ته پنهنجي پارٽي ناهيان تنهن بعد ملڪ ۾ اعليٰ معيار جي تعليم مفت ڪنديس.

بقايا 32 ***

گزٽ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. ٻنهي قانونن جو گزٽ نوٽيفڪيشن 18 آگسٽ تي جاري ڪيو ويو ۽ اهو قومي اسيمبلي جي ويب سائيٽ تي موجود آهي.

بقايا 06 ***

ڪيئي پيرا تصديق ڪئي ته بل بنا صحيح جي واپس موڪليا ويا آهن. اڄ خبر پئي آهي ته منهنجي عملي منهنجي مرضيءَ ۽ حڪم کي مجروح ڪيو عارف علوي وڌيڪ چيو ته الله سڀ ڄاڻي ٿو، مان انهن سڀني کان معافي گهران ٿو...

بقايا 01 ***

ته توشه خاني ڪيس ۾ گرفتار تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي به سائفر گمشدگي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ذريعن ٻڌايو آهي ته اڄ پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد عمر کي به اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو آهي. اسد عمر کي سائفر ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. هو ڏانهن ايف آءِ اي اختيارين گذريل ڏينهن گرفتار ڪيل پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي ڪٺي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ پهچي ويون آهن جتي سندس ڪيس جي ٻڌڻي جاري آهي.

بقايا سنڌيار 01

ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي شهرين وڏي انگ ۾ شركت كئي ڌرڻي سبب ٽريفك بند ٿي وئي ڌرڻي كي صحافين پريس كلب كيڻ جي صدر ظفر حسين حيدري عبدالغفور چانڊيو سيد حسن علي شاهه فشر فوك فورم اڳواڻ ضلعي كائونسلر حاجي نبي بخش ملاح جي يو آءِ اڳواڻ مولوي الهبخش نوتيار كائونسلر حاجي جمن واهرو، ايس ٽي پي اڳواڻ ممتاز علي جت، سماجي اڳواڻ الهبچايو پارس كنيار ،عبدالله چانڊيو مبارك علي واهرو، محمد سليم كنيار، نقاش لطيف جمالي رضا محمد شاهه ۽ ٻين چيو ته آزاد صحافت تي حملا كندڙ هر وقت صحافت جو قتل كري ان كي قبائلي جهيڙن جو رنگ ڏين ٿا اهو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي صحافي جان محمد مهر جا قاتل سٽن ڏينهن كان آزاد گهمندا وتن كين فوري گرفتار كيو وڃي هن سازش كي بي نقاب كيو وڃي ۽ رانيپور جي معصوم فاطمه جي قاتل پير اسد شاهه كي سخت سزا ڏني وڃي سنڌ جي شعور جو قتل عام بند كيو وڃي انهن اعلي اختيارين كان انصاف جي اپيل كندي مكمل انصاف جي گهر كئي

بقايا سنڌيار 02

۽ كري سگهي آهي ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ كجه مهينا اڳ صرف سفينا تي آپريشن كيو جيكو صرف هك هفتو هليو ان بعد ساڳيو سلسلو جاري آهي جڏهن ته هيروئن ۽ آئيس نشي تي سڀ كان وڌيك پابندي آهي ۽ سڀ كان خطر ناك نشو آهي جيكو بدين ۾ عام ٿي چكو آهي اسٽيٽ جي زميداري آهي اهڙي نشي كي روكي ۽ جڙ كان خاتمون كري هك گهر جو نوجوان نشي جو عادي ٿئي ٿو اهو سڄو گهر تباهه ٿيو وڃي بدين جي ساجاهه وند شهرين سنڌ جي نئين آيل آئي جي كي اپيل كئي آهي ته بدين ۾ بدين پوليس جي عملدارن جي نگراني ۾ سري عام منشيات جي كاروبار تي كنٽرول كرڻ سان گڏ بدين پوليس ۾ موجود منشيات فروش كارين رڌن جي خلاف آپريشن شروع كيو وڃي جيكي پوليس كاتي جي اعلي عملدارن كي ماهانو پتو ڏيي سالن كي هك جاءِ تي پنهنجيون پوسٽنگو كرايي ويٺا آهن ۽ بدين جي معصوم نوجوانن جون زندگيون برباد كري رهيا آن ۽ منشيات جي كاروبار مان كك پتي مان كروڙ پتي ٿي ويا آهن

بقايا سنڌيار 03

كمپيوٽر اينڊ انگلش كوچنگ سينٽر جي پرنسپال ٻڌايو ته هر سال جيان هن سال به دادو سميت پان ۾ به نوبل سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ورتي وئي آهي جنهن ۾ ٽيائين سميت 250 شاگردن ٽيسٽ ۾ حصو ورتو آهي هن چيو ته هن ٽيسٽ وٺڻ جو مقصد اهو آهي ته جيكي شاگرد يونيورسٽي جي ٽيسٽ ڏيڻ جي تياري كن ٿا انهن شاگردن كي هن ٽيسٽ مان فائدو ٿيندو .هن چيو ته ماضي ۾ به شاگردن هن ٽيسٽ جي مدد سان ملك جي مختلف يونيورسٽيز ۾ كاميابي ماڻي آهي اهڙي قسم ٽيسٽن شاگردن مان خوف ختم كن ٿيون جنهن سان شاگرد كهڙي به يونيورسٽي جي ٽيسٽ با آساني ڏئي كاميابي ماڻي سگهي ٿو

بقايا سنڌيار 04

عمران راڄپر، غلام اصغر ملاح، همت علي اڄڻ، دادن خان رستماڻي، محمد يونس وسڻ ظهير طاهر ابڙو، شمس الحق ابڙو، ريحانه مقصود آرائين، صابر حسين بوزدار، رياض احمد سومرو، محمد علي راڄپوت، علي محمد لاكير، نورمحمد ٽالپر، غلام مصطفيٰ خانزادا، ناهيد رفعت، اعجاز ممناڻي پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڊاكٽر سعد نياز كي صحت جو نگران صوبائي وزير بڻجڻ تي مباركباد ڏيندي چيو ته ڊاكٽر سعد نياز جو چونڊجڻ بهترين قدم آهي، ڊاكٽر سعد نياز ماضيءَ ۾ به صحت كاتي ۾ بهترين كم كيو آهي.اميد ته هو پنهنجي وسيع تجربي جي بنياد تي نه رڳو اسپتالن ۾ ايندڙ مريضن كي معياري علاج جي فراهمي كي يقيني بنائيندو پر پيرا ميڊيكل اسٽاف جي مسئلن جي حل لاءِ به قدم كڻندو

بقايا سنڌيار 05

كيو. ان موقعي تي سي اي او واٽر كارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران لاڳاپيل آفيسرن كي هدايتون ڏيندي چيو ته متاثر لائين جي بحالي واري كم كي هنگامي بنيادن تي مكمل كيو وڃي ته جيئن شهرين كي كا ٻڏكيائي نه ٿئي. ان سلسلي ۾ واٽر كارپوريشن عملدارن پاران متاثر لائين جي بحالي وارو كم هنگامي بنيادن تي شروع كري ڇڏيو چيف انجنيئر بلك واٽر كارپوريشن موجب شهر ۾ پاڻي جي فراهمي متبادل لائينن جي ذريعي جاري آهي.

بقايا سنڌيار 06

ستي كرڻ جا الزام. تفصيل موجب پنون ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ بدامني جون وارداتون زور وٺي ويون آهن، پنون جي مولچند پكي وٽان ڳوٺائي علي جاكرو كان ڦر ٽيل موٽرسائيكل ۽ جوابدار نه ملڻ خلاف ڳوٺ عالم لاشاري جي ڳوٺائن ميراڻ لاشاري، علي جاكرو، چتو لاشاري، دودو لاشاري، موسي لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن پنون وايا قادرڏنو شاهه حيدرآباد روڊ تي احتجاجي مظاهرو كري ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي ڳوٺائن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پنون پوليس جي نااهلي سبب ڌوهاري ٽولا روزانو ڏينهن ڏٺي سري عام ڦرن جون وارداتون كري رهيا آهن. ٿاڻي تي وڃون ٿا ته پوليس كو به تعاون كرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن الزام هڻندي چيو ته پنون پوليس جو ايس ايچ او ڌوهارين جو سرپرست آهي، ڳوٺائي علي جاكري كان ڦر ٽيل موٽرسائيكل سميت ٻين وارداتن ۾ ملوث ڌوهارين كي گرفتار كرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن سنڌ جي نئين مقرر ٿيل آئي جي ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد كان مطالبو كيو آهي ته پنون مان ڌوهن جي وارداتن كي كنٽرول كرڻ لاءِ قدم كڻي عوام كي جاني مالي تحفظ فراهم كيو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

مان سنڀاليندو آهيان ان فش فارم ۾ لكين روپين جي مڇي ڇڏيل هئي هيلين شرپسند ماڻهن مون كي موت مار ڌمكيون ڏنيون هيون جن ۾ جاويد پٽو عيدن پٽو لطف پٽو به شامل آهن انهن ۾ منهنجو شك آهي ته اهي منهنجي فش فارم ۾ زهر ملائي ويا آهن جنهن سبب لكين روپين جي مڇي مري وئي آهي ڳڙهي خدابخش پٽو ٿاڻي جي ايس ايچ او حضور بخش جوڻيجو نه ٿي كو به تعاون نه ٿو كري انهن خلاف اين سي به داخل نه ٿو كري اعلي انتظامي عملدار نوٽيس وٺي انصاف فراهم كن ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 08

چوك كان ايوان صحافت پريس كلب تائين ريلي كڍي احتجاجي مظاهرو كيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته شهيد جان محمد مهر كي ٽارگيٽ كري قتل كندڙ قاتل اڄان تائين آزاد گهمي رهيا آهن قانون نافذ

كرڻ جون دعوائون كندڙ ادارا ناكام ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن هن چيو ته سنڌ ۾ صحافين كي قتل كرڻ ۽ قاتلن جي سهولتكاري كرڻ جو سلسلو هك روايت بڻائي وئي آهي ته جيئن حق سچ جو آواز بلند كندڙ قلم [illegible] پنهنجو ظلم استحصال برقرار ركي سگهن هنن نگران وزيراعظم ۽ نگران وزيراعلي سنڌ آءِ جي سنڌ كان مطالبو كيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتكارن كي گرفتار كري كين كيفر كردار تائين پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي تحريك شروع كئي ويندي جيكا شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين جاري رهندي

بقايا سنڌيار 09

كرڻ بعد سكرنڊ براج جي ٽئين پل تان سكر واپس اچي رهيو هيس ته بجلي شاهه ميداڻي وٽ موٽرسائيكل سوار ٻن هٿياربندن كيس هٿيار ڏيكاري زور تي روكي ۽ كاشي موبائيل فون ۽ 10 هزار رپيا روڪ رقم ڦر كري بعد فرار ٿي ويا جنهن بعد واقعي جي رپورٽ داخل كرائڻ لاءِ ٿاڻي تي پهتو ته منهنجو ٿاڻي تائين پوليس ٿاڻي تي ٻيٺو رهيس پر حد بندين سبب رپورٽ داخل نه ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 10

انكشاف پرياسي ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل پرياسي پرسان ڳوٺ قاسم كاهي واسي وحشي صفت اصغر سولنگي پنهنجي گهر اندر پنهنجي 13 سالن جي ڌيءَ سان جنسي زيادتي جو انكشاف منهنجي ننڍي ڀيڻ عرفانه سان منهنجي پيءُ اصغر سولنگي زبردستي جنسي ڏاڍائي كئي آهي پاءِ جنيد سولنگي جو ايف آءِ آر ۾ موقف منهنجي ڀيڻ ٻن ڏينهن تائين گهر اندر تڙپندي رهي ظالم چاچن ۽ پي علاج به نه كرايو پيءُ تسام غلط كيو انصاف كيو وڃي،پاءِ معصوم ڀيڻ سان وڏو ظلم ٿيو آهي جوابدار كي گرفتار كري عبرتناك سزا ڏني وڃي نياڻي جي پاءِ جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل كري نياڻي كي پرياسي اسپتال مان ميڊيكل لاءِ ليٽر ڏنو آهي وڌيك جاچ جاري آهي، ايس ايچ او. منير لغاري ذريعن موجب جوابدار اصغر سولنگي كي پرياسي پوليس گرفتار كري نامعلوم هنڌ منتقل كري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 11

وڌيك ٽائيكوانڊو رانديگرن كي ريسكيو فرسٽ ايڊ ۽ فائر فائٽنگ جي بنيادي تربيت ڏني.هن موقعي تي آرگنائيزر ماسٽر عبدالرزاق، ميڊم عذرا جمال، نثار احمد ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.هن موقعي تي سول ڊفينس سكر جي ڊپٽي چيف واردن ڊاكٽر سعيد احمد اعوان چيو ته سول ڊفينس خدمت جو بهترين پليٽ فارم آهي، نوجوان مرد ۽ عورتون ان ۾ شامل ٿين. خاص كري مارشل آرٽ جا رانديگر شامل ٿين ڇو ته رانديگر وڌيك اسٽيمنا ركن ٿا جتي افواج پاكستان جي ذميواري ملك ۽ قوم جي آهي هتي سول ڊفينس شهر ۽ عوام جي ذميوار آهي. سول ڊيفينس خود انحصاري ۽ خود مدد جي اصول تي ٻڌل آهي، جديد دور ۾ سول ڊفينس كي مضبوط كرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. بچاءَ جو بهترين وسيلو آهي سول ڊفينس امن جي وقت ۾ سول ڊفينس لاءِ رضاكار پيدا كري كين سول ڊفينس جي تربيت ڏئي ٿو ان موقعي تي گروپ واردن محمد احمد شيخ، پوسٽ واردن آغا اكرم دراني،اصف خان،عدنان شيخ،اصف شيخ ادريس ميمڻ، كوسو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 12

ڇڏيو جوڙي پاران تحفظ جي اپيل . ميرپور ٻٺورو واسڻ زينت ۽ سندس مڙس صدام حسين ملاح سنڌ ميڊيا هائوس پهچي ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو آهي ته اسين رضا خوشي سان شريعت محمدي موجب ٽنڊومحمدخان كورٽ سڳوري ۾ نكاح كيو آهي جنهن تان اسان جا مائٽ اسان جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن مختلف حربا استعمال كري كوڙن كيسن ۾ قاسائن سميت جان كان مارن جو ڌمكيون ڏنيون پيون وڃن مسمات زينت پاران الزام هنيو ويو آهي ته منهنجي مائٽن پاران منهنجي مڙس جي گهر كي گذريل رات پاهه ڏئي ساڙيو آهي جنهن سبب گهر ۾ پيل قيمتي سامان سڙي رك ٿي ويو آهي جنهن جو اطلاع اسان حد جي پوليس كي پڻ ڏنو آهي پر پوليس سندن خلاف كا به كاروائي كرڻ لاءِ تيار ناهي هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان توڙي وس وارن كان اپيل كئي ته ماهري جو نوٽيس وٺي اسان كي تحفظ فراهم كيو وڃي

بقايا سنڌيار 13

ٿيڻ لڳي ٿي . جنهن جي كري اسان جي به اها خواهش آهي ته اسان كي پوليس ٽنڊو محمد خان مان ايمبولينس ذريعي علاج لاءِ كنهن سركاري اسپتال مستقل علاج كرائي ته اسان جون زندگيون موت كان بچي سگهن .جنهن ۾ كجه نوجوان اهو به ٻڌايو آهي ته اسان نشي جي كري هائي علائقي ۾ چور . ڌاڙيل جو كردار به ادا كري رهيا آهيون . رات جي وقت چوريون كريون ٿا . ڏينهن جو شهر جي كجه علائقن مان نشو وٺي واپرايون ٿا .

بقايا سنڌيار 14

معصوم پار روڊن رستن پاڙن توڙي كچري جي ڍيرن ڦليلي جي كنارن تي سرعام نشو واپرائڻ شروع كري ڇڏيو آهي، وڏي تعداد ۾ نشي واپرائڻ جي كري علائقي جي اندر منشيات جو هيروئن . آئيس وارو كاروبار پڻ عروج تي پهچڻ شروع ٿي ويو آهي . پوليس جي طرفان انساني حياتي لاءِ هاجيكار موتمار قرار ڏنل هن منشيات كي فوري طور روكڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ كو به قدم نه كنيو ويو آهي . جنهن جي كري علائقي جي اندر هيروئن . آئيس جو واهپو نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ هاجيكار ثابت ٿي رهيو آهي . علائقي جي ساجاهه وند ڏرين سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مركزي اڳواڻ ڊاكٽر احمد نوناري . شهري اتحاد جي صدر نور حسن كوكر . سول سوسائٽي جي مير سرفراز ٽالپر ۽ ٻين چيو آهي ته منشيات جي انتهائي خطرناك هيروئن ۽ آئيس جي كاروبار ۾ بااثر ماڻهو ملوث آهن جنهن جي كري پوليس قانون جي دائري ۾ خطرناك منشيات جي هن كاروبار كي روكڻ ۾ كو به قدم نه كٽي پاڻ كي بيوس بڻائي ڇڏيو آهي . جنهن جي كري روڊن رستن . پاڙن ۾ هيروئن . آئيس جا منشيات فروش پنهنجي گهرن جي اندر مت مائٽن ماءُ . پيءُ . ڀاءُ . ڀيڻ جي عظيم رشتن كي ماركٽ تشدد جو نشانو بڻائي لازمي نشو كرڻ لاءِ خاندانن لاءِ آزار بڻجي ويا آهن ته وري علائقي ۾ چورين جي وارداتن ۾ ملوث ٿي شهرين جي عام زندگي توڙي راتين جو سندن گهرن ۾ داخل ٿي ننڊون كرڻ به سندن حرام كري ڇڏيون آهن . جنهن جي كري وفاقي ۽ صوبائي نگران حكومتن كي فوري طور ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن ۽ آئيس جي هن كاروبار كي بند كرائڻ لاءِ وڏي پئماني تي آپريشن كرڻ جي ضرورت آهي ته هي خطرناك كڏو

منشيات جو كاروبار سنڌ ۽ پاكستان ۾ عام ٿيڻ شروع ٿي ويندو.

بقايا سنڌيار 15

خان ۾ منشيات جي خلاف پوليس جو آپريشن جاري آهي، اهڙي دعويٰ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان [illegible]

بقايا سنڌيار 16

[illegible] جي كجه علائقن ۾ لك چوري سان كيو وڃي ٿو پر منشيات جو واهپو شهر جي هر علائقي ۾ عام بڻجي ويو آهي ، سرعام منشيات جا عادي روڊن رستن تي منشيات واپرائي رهيا آهن ته وري منشيات جي خريداري لاءِ شهر ۾ پيناك فقير بڻجي پنهنجي هٿن، پيرن كي ڏك هڻي پٽيون ٻڌي معذور بڻجڻ جو كوڙو ناٽك ناهي پني رهيا آهن .

بقايا سنڌيار 17

ديدار كري سگهون پنهنجي هٿن سان دفن كيون

بقايا سنڌيار 18

كانن تي چاپا هڻي يوريا ڀاڻ ۽ ڊي اي پي جو مقرر سركاري اگهه كان وڌيك اگهن ۾ وكرو كندڙ تي ڏنڊ وجهڻ سان گڏ ذخيرو كيل گودام پڻ سيل كري ڇڏيو جن دكاندارن تي ڏنڊ هنيو ويو انهن ۾ اكرم ميمڻ جنهن تي 50000 روپيا ڏنڊ، فيصل ميمڻ تي 50000 روپيا ڏنڊ، عرفان علي خواجه تي 50000 روپيا ڏنڊ ۽ حاجي محمد خواجه تي 10000 روپيا ڏنڊ ۽ انجو گودام جنهن ۾ 400 يوريا جون ٻوريون ذخيرو ٿيل هيون سيل كري ڇڏيو جيكو ڀاڻ سپلائي(اڄ) روينيو ۽ ايگريكلچر اسٽاف جي موجودگي ۾ سركاري اگهه تي وكرو كيو ويندو ۽ هك ٽرك جنهن ۾ اندازي 300 ٻوريون يوريا ڀاڻ جو ڊيلر غير قانوني طريقي سان ٻي تعلقي ۾ شفٽ كري رهيو هو پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٽنڊو باگو ٽائي تي بيهاري ان ڀاڻ جي مالك ڊيلر كان لكت ورتو ويو ته هو اهو ڀاڻ سركاري اگهه تي وكرو كندو

بقايا سنڌيار 19

كال شام 6 بجي كان دكان كان گهر ايندي ڏوكري شهركان لاپته ٿي ويا آهن سندس گهر ڏٿين پاران تنهي جڻن جو مت مائٽن ۽ دوستن عزيزن كان جانچ ورتي پر كٿان به كوڏس پتو پئجي نه سگهيو واقعي جو اطلاع حد جي پوليس كي ڏنو ويو پوليس به جانچ كرڻ ۾ وارثن جي مدد نه كئي پوليس كان مايوس ٿي سوشل ميڊيان جو سارهو وٺي سپني سوشل وركر كي وارثن هٿ ٻڌي اپيل كيون ٿا جنهن به پاءِ دوست ميٽ مائٽن كي نظر آيا آهن يا سڃاڻپ ٿي سگهي ته ويجهي پوليس پوسٽ كي اطلاع ڏئي جيئن هي گلاب جا گل گهرڏٿين كي ملي وڃن سندن وارث حد كان وڌيك پريشان آهن ٻڌايو ويو تي هي پاڻ ۾ سڳا سئوٽ آهن جيكي شام جو دكان كان موٽرسائيكل تي گهر واپس ايندي پرسرار طور گم ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 20

،نائب صدر صديق چيمبو نائب صدر جبار بلوچ جنرل سيكريٽري امتياز مگريو ،جوائنٽ سيكريٽري حنيف كاكا،پريس سيكريٽري سعيد شيخ ،خزانچي انصار خان،۽ ٽنڊو محمد خان يونين آف جنرلسٽ لاءِ صدر ذوالفقار چانڊيو،جنرل سيكريٽري منير بروهي ،پريس سيكريٽري عبدالرحمن شيخ ،اليكٽرانكس ميڊيا لاءِ صدر زاهد قريشي ،نائب صدر غلام علي چانگ ،جنرل سيكريٽري عمر قريشي چونڊجي ويا جڏهن ته گورننگ باڊي لاءِ چيئرمين غلام نبي كيريو ،عبدالكريم شيخ،رمضان شورو رائو غلام حسين، كي چونڊيو ويو. ان موقعي تي شهيد صحافي جان محمد مهر جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي ،

بقايا سنڌيار 21

۾ پاڻي ڏنو وڃي جيئن هزارن ايكڙن تي بيٺل فصل كي بچائي سگهجي هنن چتاءُ ڏنو ته جيكڏهن ساحلي پٽي جي پوڇڙ جي واهن ۾ پاڻي نه ڇڏيو ته پاكستان فشر فوك فورم جي طرفان آبادگار ۽ ماهيگير هزارن جي تعداد ۾ گڏ تي پنهنجي پاڻي بچائڻ لاءِ احتجاج كندا اهو احتجاج پاڻي جي فراهمي تائين جاري رهندو

بقايا سنڌيار 22

آهن ان سلسلي ۾ رهواسين نثار لنجار، حضور بخش لنجار ۽ خان لنجار ۽ ٻين احتجاج كندي دانهيندي ميڊيا كي ٻڌايو ته جي نمائندن توڙي مكاني نمائندن ۽ انتظاميا جي لاپرواهي ۽ عدم دلچسپي سبب اسانجو ڳوٺ پير محمد لنجاري گذريل كيترن ئي ورهين كان ڊرينيج جي سهولت كان محروم بڻيل آهي جنهن كري اسانجي كيترن ئي گهرن كي ڊرينيج جي سهولت نه هجڻ سبب اسين گهرن ۾ لڳل نلكن، برسات ۽ سيوريج جي گندي پاڻي جي نيكال لاءِ گهرن ۾ كوهه ۽ كڏا لڳائي ڇڏيا آهن هنن ٻڌايو جن ۾ جمع ٿيندڙ گندو پاڻي اسين روزانو ڏبن وسيلي كڍي گهرن جي اڳڻ تي هاريندا آهن هيئنر گندي پاڻي جي نيكال وارا كڏا اٽلي پيا آهن جنهن سبب گهرن ۾ گندگي ۽ بدبوءِ ڦهلجي وئي آهي جنهن سبب اسين رهواسي مختلف بيمارين ۾ وكوڙجي عذاب واري زندگي گذارڻ ۽ سخت ڏكيائن ۽ پريشانين كي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن رهواسين احتجاج كندي اختيارين كان مطالبو كيو آهي ته اسانجي پريشانين جو نوٽيس وٺي ڳوٺ ۾ ڊرينيج سسٽم بحال كرائي پيش ايندڙ پريشانين ۽ ڏكيائن كان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

كائونسل ميمبر سردار عبدالواحد كلوڙ جي پنهنجي سٿ، ناميارو اديب سرور سيف، ف ليگ خاتون اڳواڻ رضيه عباسي، فقير محمد ياسين جوڻيجو هاري مزدور اتحاد اڳواڻ حاجي غلام محمد مهيسر، مولانا اكبر عباسي جي يو آءِ كاركن سميت، شهري اتحاد كاركن ايڊووكيٽ فياض علي شيخ، مظفر علي چاچڙ جي اڳواڻي ۾، پنهنجي سٿ، كامريڊ عبدالمجيد

جسكاني پنوعاقل عوامي ويلفيئر اتحاد جي سٿ سميت، عوامي سنڌي ادبي سنگت جا ساٿي مير حيات رضوي، بيخود بلوچ، محمد ايوب عباسي اسد چاچڙ، پنوعاقل عوامي ويلفيئر اتحاد [illegible]

بقايا سنڌيار 24

سنڌ تي سكرنڊ شهيد صحافي جان محمد مهر [illegible]

بقايا سنڌيار 25

[illegible]

بقايا سنڌيار 26

جي علامت بڻجي چكي آهي، جنهن پنهنجي گذريل 15 سالن واري دور حكمراني ۾ بيوروكريسي [illegible] سطح تي ايس ايچ او تپيدار ۽ خاص كري پوليس ۽ روينيو ۾ مقرر اهلكار قانون جي پاسداري كرڻ بدران ترجي وڏيرن جي بنگلن تان ملندڙ حكم جا منتظر هوندا آهن جنهن كري قانون جون ڌجون اڏائي گذريل 15 سالن كان پيپلز پارٽي عوام كي ڏيجاري حكومت كري رهي آهي، سيد زين شاهه چيو ته هاڻي نگران حكومت. چيف سيكريٽري ۽ آءِ جي سنڌ جي ذميواري آهي ته هو گذريل 15 سالن كان هيلين سطح تي مقرر ٿيل پوليس ۽ روينيو ملازمن كي بدلي كري غير جانبدارائي بنيادن تي مقرريون كن ته جيئن شفاف چونڊن جو تاثر بهتر ثابت ٿي سگهي، هن چيو ته صوبائي اليكشن كمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ مكمل طور تي جانبدار ۽ پيپلزپارٽي جو سهولتكار بڻيل آهي ۽ وفاقي اليكشن كمشنر به صوبائي اليكشن كمشنر سنڌ بابت پنهنجي خدشن جو اظهار كندي چٽي چكو آهي ته سنڌ ۾ مكاني ادارن جي چونڊن جو تجربو سٺو ثابت ناهي ٿيو. جانبدار اليكشن كمشنر سنڌ جي موجودگي ۾ بدترين بلدياتي چونڊون كرايون ويون، ان كري اسان مطالبو ٿا كريون ته كيس فوري طور تي هٽايو وڃي، هن چيو ته اڃا تائين اڳوڻا صوبائي وزير سركاري گاڏين، بنگلن ۽ ٻين مراعتن تي قبضو كري ويٺل آهن اسان مطالبو ٿا كريون ته انهن كان سركاري بنگلا، مفت بجلي، گاڏين ۽ پيٽرول جون سهولتون فوري طور تي واپس ورتيون وڃن.

بقايا سنڌيار 27

نعرا لكيل هئا مظاهري ۾ وڏي تعداد ۾ مردن عورتن سميت اديبن ۽ صحافين پڻ شركت كئي مظاهري كي خطاب كندي سارنگ جويو. سهڻي جويو . انعام شيخ . مرك منان . ورثا پيرزادو . خليل انصاري . اروب شيخ ۽ ٻين چيو ته سنڌ اندر ڏاڙيلن سان گڏ مير . پير ۽ دهشتگردن صحافين سان گڏ محصوم ٻارڙن كي به نه بخشيو اڳواڻن چيو ته جعلي پيراسد شاهه جيكو پنهنجي گهر واري سان گڏ محصوم ٻارڙن تي وحشياڻو تشدد كري انسانيت جا سڀ ليكا لتاڙي ڇڏيا آهن پر اتي پوليس توڙي پ پ جي حكومت به كو هوٽو نه پاريو اڳواڻن چيو ته پ پ جي دور ۾ ريكارڊ بيگناهه قتل توڙي تشدد جا واقعا پيش آيا پر افسوس سنڌ حكومت اتي پنهنجو كو به اهم كردار ادا نه كري سگهي اڳواڻن وڌيك چيو ته جان محمد مهر جو قتل هجي يا محصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جو قتل هجي اهي سڀ قتل كيس پ پ جي اڳواڻن خلاف داخل كري انهن كي به گرفتار كيو وڃي اڳواڻن چيو ته سنڌ حكومت جي نااهلي سان گڏ پوليس به پوتارن توڙي ميرن پيرن جي چمچاگيري ۾ مصروف آهي پر كنهن كي انصاف نه ٿو ملي مظاهرين وڌيك چيو ته جيكڏهن محصيم نياڻي فاطمه ڦررڙو جي قتل ۾ ملوث مك جوابدار پير اسد شاهه ان

جي گهر واري سميت ڊاكٽر ۽ پوليس اهلكارن كي سزا نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو اڃان وڌيك وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 28

كنڊي جي ڳوٺ آهي ته كيتيجي جاگير جي [illegible]

بقايا سنڌيار 29

اطلاع تي ڇاپو هڻي گرفتار [illegible]

بقايا سنڌيار 30

[illegible]

بقايا سنڌيار 31

[illegible] پي ڏاڍو. نگران وزيراعلي سنڌ ۽ عالا عدليه كي پرزور اپيل كندي چيو اسان جي بيگناهه قتل ٿي ويل طالب جانوري جي قاتلن جون ضمانتون رد كري كين سخت سزا ڏني وڃي،، ان موقعي تي احتجاج كندڙن جو عوام ۽ پوليس سان جهيڙون پڻ ٿيون ايس ايچ او اقبال احمد كانڌڙو ڌرڻي واري هنڌ پهچي مقتول جي وارثن سان ڳالهيون كري كين جوابدارن جي ضمانت واري كاپي پڻ ڏني ۽ مقتول جي وارثن كي يقين ڏياريو ته توهان جي تحفظ لاءِ پوليس به ڏينداسين ۽ توهان كي ڌمكيون ڏيندڙن مٿان كيس پڻ داخل كنداسين جنهن كانپوءِ ڌرڻو ختم كيو ويو ٽريفك ۾ قاتل عوام پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 32

افسوس جو اظهار كري رهيو آهي، جنهن تي پوري امت مسلمه ڏك جو اظهار كندي. انتهاپسندن جي ان كاروائين تي سندن ڏك ۾ برابر جا شريك آهيون ۽ ان واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت كيون ٿا. هك سوال جي جواب ۾ سردار الاهي بخش انيل پٽي چيو ته گذريل حكومتن كڏهن به غريب مزدورن لاءِ نه سوچيو ۽ نه ئي غريبن لاءِ كو آواز اٿاريو. اڄ مزدور طبقو انتهائي غربت جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، هن وقت كڻڪ، گوشت، كير، دال، ڀاڄيون، تيل، پيٽرول، ڊيزل جا اگهه پنهنجي عروج تي آهن، پر پورهيت طبقو آهي، ان مان كا به اميد نه ركڻ. چاكاڻ ته نگران حكومت گذريل حكومت جي پاليسين تي عمل كرڻ جي پابند آهي، نگران حكومت جو كم مقرر وقت تي چونڊون كرائڻ آهي.

بقايا سنڌيار 33

ويا. هن موقعي تي شهناز راهو خطاب كندي چيو ته هو اداري جي مسئلن كي حل كرڻ جي كوشش كندي ان سان گڏوگڏ شاعرن فنكارن اديبن اداكارن جي مسئلن كي حل كرائڻ جي لاءِ ڀرپور كوششون وٺندي

بقايا سنڌيار 34

اسان كڏهن به ظالمن جي حمايت ناهي كئي پوءِ اهو اسانجو كيترو به ويجهو چو كونه هجي نينگري فاطمه ڦرڙو جي معاملي ۾ پير صاحب چيو ته اسانجون همدرديون سائين گڏ آهن اسين چاهيون ٿا ته غير جانبدار تحقيقات كرائي وڃي پوءِ ان ۾ جيكو به ملوث نكري ته ان جي خلاف سخت كان سخت كاروائي كئي وڃي اسان نينگري فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان گڏ هونداسون سائين جن ٻڌايو ته كجه ماڻهون مبينا جوابدار جاڻايلن جي آڙ وٺي سموري پير برادري كي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا آهن جيكا غلط ڳالهه آهي جنهن سان اسانجا ۽ اسانجي مريدن ۽ معتقدن جا جذبات مجروح ٿي رهيا آهن ان عمل خلاف اسانجا مريد احتجاج ركارڊ كرڻ پيا چاهين پر اسان كين روكي ڇڏيو آهي ته جيئن آزاد ۽ غير جانبدار تحقيقات ٿي سگهي هن چيو ته

ملوث شخص بجاءِ سموري پير برادري كي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سٺو عمل ناهي جنهن كي بند كيو وڃي

بقايا سنڌيار 35

جي 22 آكٽوبر تي منصوره هالا ۾ سنڌ [illegible]

بقايا سنڌيار 36

معصوم پار روڊن رستن پاڙن توڙي كچري جي ڍيرن ڦليلي جي كنارن تي سرعام نشو واپرائڻ شروع كري ڇڏيو آهي، وڏي تعداد ۾ نشي واپرائڻ جي كري علائقي جي اندر منشيات جو هيروئن . آئيس وارو كاروبار پڻ عروج تي پهچڻ شروع ٿي ويو آهي . پوليس جي طرفان انساني حياتي لاءِ هاجيكار موتمار قرار ڏنل هن منشيات كي فوري طور روكڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ كو به قدم نه كنيو ويو آهي . جنهن جي كري علائقي جي اندر هيروئن . آئيس جو واهپو نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ هاجيكار ثابت ٿي رهيو آهي . علائقي جي ساجاهه وند ڏرين سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مركزي اڳواڻ ڊاكٽر احمد نوناري . شهري اتحاد جي صدر نور حسن كوكر . سول سوسائٽي جي مير سرفراز ٽالپر ۽ ٻين چيو آهي ته منشيات جي انتهائي خطرناك هيروئن ۽ آئيس جي كاروبار ۾ بااثر ماڻهو ملوث آهن جنهن جي كري پوليس قانون جي دائري ۾ خطرناك منشيات جي هن كاروبار كي روكڻ ۾ كو به قدم نه كٽي پاڻ كي بيوس بڻائي ڇڏيو آهي . جنهن جي كري روڊن رستن . پاڙن ۾ هيروئن . آئيس جا منشيات فروش پنهنجي گهرن جي اندر مت مائٽن ماءُ . پيءُ . ڀاءُ . ڀيڻ جي عظيم رشتن كي ماركٽ تشدد جو نشانو بڻائي لازمي نشو كرڻ لاءِ خاندانن لاءِ آزار بڻجي ويا آهن ته وري علائقي ۾ چورين جي وارداتن ۾ ملوث ٿي شهرين جي عام زندگي توڙي راتين جو سندن گهرن ۾ داخل ٿي ننڊون كرڻ به سندن حرام كري ڇڏيون آهن . جنهن جي كري وفاقي ۽ صوبائي نگران حكومتن كي فوري طور ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن ۽ آئيس جي هن كاروبار كي بند كرائڻ لاءِ وڏي پئماني تي آپريشن كرڻ جي ضرورت آهي ته هي خطرناك كڏو منشيات جو كاروبار سنڌ ۽ پاكستان ۾ عام ٿيڻ شروع ٿي ويندو. [illegible] هاجيكار موتمار قرار ڏنل هن منشيات كي

فوري طور روكڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ كو به قدم نه كنيو ويو آهي . جنهن جي كري علائقي جي اندر هيروئن . آئيس جو واهپو نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ هاجيكار ثابت ٿي رهيو آهي . علائقي جي ساجاهه وند ڏرين سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مركزي اڳواڻ ڊاكٽر احمد نوناري . شهري اتحاد جي صدر نور حسن كوكر . سول سوسائٽي جي مير سرفراز ٽالپر ۽ ٻين چيو آهي ته منشيات جي انتهائي خطرناك هيروئن ۽ آئيس جي كاروبار ۾ بااثر ماڻهو ملوث آهن جنهن جي كري پوليس قانون جي دائري ۾ خطرناك منشيات جي هن كاروبار كي روكڻ ۾ كو به قدم نه كٽي پاڻ كي بيوس بڻائي ڇڏيو آهي . جنهن جي كري روڊن رستن . پاڙن ۾ هيروئن . آئيس جا منشيات فروش پنهنجي گهرن جي اندر مت مائٽن ماءُ . پيءُ . ڀاءُ . ڀيڻ جي عظيم رشتن كي ماركٽ تشدد جو نشانو بڻائي لازمي نشو كرڻ لاءِ خاندانن لاءِ آزار بڻجي ويا آهن ته وري علائقي ۾ چورين جي وارداتن ۾ ملوث ٿي شهرين جي عام زندگي توڙي راتين جو سندن گهرن ۾ داخل ٿي ننڊون كرڻ به سندن حرام كري ڇڏيون آهن . جنهن جي كري وفاقي ۽ صوبائي نگران حكومتن كي فوري طور ٽنڊو محمد خان ۾ هيروئن ۽ آئيس جي هن كاروبار كي بند كرائڻ لاءِ وڏي پئماني تي آپريشن كرڻ جي ضرورت آهي ته هي خطرناك كڏو منشيات جو كاروبار سنڌ ۽ پاكستان ۾ عام ٿيڻ شروع ٿي ويندو.

بقايا سنڌيار 37

۽ كري سگهي آهي ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ كجه مهينا اڳ صرف سفينا تي آپريشن كيو جيكو صرف هك هفتو هليو ان بعد ساڳيو سلسلو جاري آهي جڏهن ته هيروئن ۽ آئيس نشي تي سڀ كان وڌيك پابندي آهي ۽ سڀ كان خطر ناك نشو آهي جيكو بدين ۾ عام ٿي چكو آهي اسٽيٽ جي زميداري آهي اهڙي نشي كي روكي ۽ جڙ كان خاتمون كري هك گهر جو نوجوان نشي جو عادي ٿئي ٿو اهو سڄو گهر تباهه ٿيو وڃي بدين جي ساجاهه وند شهرين سنڌ جي نئين آيل آئي جي كي اپيل كئي آهي ته بدين ۾ بدين پوليس جي عملدارن جي نگراني ۾ سري عام منشيات جي كاروبار تي كنٽرول كرڻ سان گڏ بدين پوليس ۾ موجود منشيات فروش كارين رڌن جي خلاف آپريشن شروع كيو وڃي جيكي پوليس كاتي جي اعلي عملدارن كي ماهانو پتو ڏيي سالن كي هك جاءِ تي پنهنجيون پوسٽنگو كرايي ويٺا آهن ۽ بدين جي معصوم نوجوانن جون زندگيون برباد كري رهيا آن ۽ منشيات جي كاروبار مان كك پتي مان كروڙ پتي ٿي ويا آهن ۽ كري سگهي آهي ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ كجه مهينا اڳ صرف سفينا تي آپريشن كيو جيكو صرف هك هفتو هليو ان بعد ساڳيو سلسلو جاري آهي جڏهن ته هيروئن ۽ آئيس نشي تي سڀ كان وڌيك پابندي آهي ۽ سڀ كان خطر ناك نشو آهي جيكو بدين ۾ عام ٿي چكو آهي اسٽيٽ جي زميداري آهي اهڙي نشي كي روكي ۽ جڙ كان خاتمون كري هك گهر جو نوجوان نشي جو عادي ٿئي ٿو اهو سڄو گهر تباهه ٿيو وڃي بدين جي ساجاهه وند شهرين سنڌ جي نئين آيل آئي جي كي اپيل كئي آهي ته بدين ۾ بدين پوليس جي عملدارن جي نگراني ۾ سري عام منشيات جي كاروبار تي كنٽرول كرڻ سان گڏ بدين پوليس ۾ موجود منشيات فروش كارين رڌن جي خلاف آپريشن شروع كيو وڃي جيكي پوليس كاتي جي اعلي عملدارن كي ماهانو پتو ڏيي سالن كي هك جاءِ تي پنهنجيون پوسٽنگو كرايي ويٺا آهن ۽ بدين جي معصوم نوجوانن جون زندگيون برباد كري رهيا آن ۽ منشيات جي كاروبار مان كك پتي مان كروڙ پتي ٿي ويا آهن ۽ كري سگهي آهي ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ كجه مهينا اڳ صرف سفينا تي آپريشن كيو جيكو صرف هك هفتو هليو ان بعد ساڳيو سلسلو جاري آهي جڏهن ته هيروئن ۽ آئيس نشي تي سڀ كان وڌيك پابندي آهي ۽ سڀ كان خطر ناك نشو آهي جيكو بدين ۾ عام ٿي چكو آهي اسٽيٽ جي زميداري آهي اهڙي نشي كي روكي ۽ جڙ كان خاتمون كري هك گهر جو نوجوان نشي جو عادي ٿئي ٿو اهو سڄو گهر تباهه ٿيو وڃي بدين جي ساجاهه وند شهرين سنڌ جي نئين آيل آئي جي كي اپيل كئي آهي ته بدين ۾ بدين پوليس جي عملدارن جي نگراني ۾ سري عام منشيات جي كاروبار تي كنٽرول كرڻ سان گڏ بدين پوليس ۾ موجود منشيات فروش كارين رڌن جي خلاف آپريشن شروع كيو وڃي جيكي پوليس كاتي جي اعلي عملدارن كي ماهانو پتو ڏيي سالن كي هك جاءِ تي پنهنجيون پوسٽنگو كرايي ويٺا آهن ۽ بدين جي معصوم نوجوانن جون زندگيون برباد كري رهيا آن ۽ منشيات جي كاروبار مان كك پتي مان كروڙ پتي ٿي ويا آهن

بقايا سنڌيار 38

نعرا لكيل هئا مظاهري ۾ وڏي تعداد ۾ مردن عورتن سميت اديبن ۽ صحافين پڻ شركت كئي مظاهري كي خطاب كندي

سارنگ جويو. سهڻي جويو . انعام شيخ . مرك منان . ورثا پيرزادو . خليل انصاري . اروب شيخ ۽ ٻين چيو ته سنڌ اندر ڏاڙيلن سان گڏ مير . پير ۽ دهشتگردن صحافين سان گڏ محصوم ٻارڙن كي به نه بخشيو اڳواڻن چيو ته جعلي پيراسد شاهه جيكو پنهنجي گهر واري سان گڏ محصوم ٻارڙن تي وحشياڻو تشدد كري انسانيت جا سڀ ليكا لتاڙي ڇڏيا آهن پر اتي پوليس توڙي پ پ جي حكومت به كو هوٽو نه پاريو اڳواڻن چيو ته پ پ جي دور ۾ ريكارڊ بيگناهه قتل توڙي تشدد جا واقعا پيش آيا پر افسوس سنڌ حكومت اتي پنهنجو كو به اهم كردار ادا نه كري سگهي اڳواڻن وڌيك چيو ته جان محمد مهر جو قتل هجي يا محصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جو قتل هجي اهي سڀ قتل كيس پ پ جي اڳواڻن خلاف داخل كري انهن كي به گرفتار كيو وڃي اڳواڻن چيو ته سنڌ حكومت جي نااهلي سان گڏ پوليس به پوتارن توڙي ميرن پيرن جي چمچاگيري ۾ مصروف آهي پر كنهن كي انصاف نه ٿو ملي مظاهرين وڌيك چيو ته جيكڏهن محصيم نياڻي فاطمه ڦررڙو جي قتل ۾ ملوث مك جوابدار پير اسد شاهه ان جي گهر واري سميت ڊاكٽر ۽ پوليس اهلكارن كي سزا نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو اڃان وڌيك وڏايو ويندو نعرا لكيل هئا مظاهري ۾ وڏي تعداد ۾ مردن عورتن سميت اديبن ۽ صحافين پڻ شركت كئي مظاهري كي خطاب كندي سارنگ جويو. سهڻي جويو . انعام شيخ . مرك منان . ورثا پيرزادو . خليل انصاري . اروب شيخ ۽ ٻين چيو ته سنڌ اندر ڏاڙيلن سان گڏ مير . پير ۽ دهشتگردن صحافين سان گڏ محصوم ٻارڙن كي به نه بخشيو اڳواڻن چيو ته جعلي پيراسد شاهه جيكو پنهنجي گهر واري سان گڏ محصوم ٻارڙن تي وحشياڻو تشدد كري انسانيت جا سڀ ليكا لتاڙي ڇڏيا آهن پر اتي پوليس توڙي پ پ جي حكومت به كو هوٽو نه پاريو اڳواڻن چيو ته پ پ جي دور ۾ ريكارڊ بيگناهه قتل توڙي تشدد جا واقعا پيش آيا پر افسوس سنڌ حكومت اتي پنهنجو كو به اهم كردار ادا نه كري سگهي اڳواڻن وڌيك چيو ته جان محمد مهر جو قتل هجي يا محصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جو قتل هجي اهي سڀ قتل كيس پ پ جي اڳواڻن خلاف داخل كري انهن كي به گرفتار كيو وڃي اڳواڻن چيو ته سنڌ حكومت جي نااهلي سان گڏ پوليس به پوتارن توڙي ميرن پيرن جي چمچاگيري ۾ مصروف آهي پر كنهن كي انصاف نه ٿو ملي مظاهرين وڌيك چيو ته جيكڏهن محصيم نياڻي فاطمه ڦررڙو جي قتل ۾ ملوث مك جوابدار پير اسد شاهه ان جي گهر واري سميت ڊاكٽر ۽ پوليس اهلكارن كي سزا نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو اڃان وڌيك وڏايو ويندو نعرا لكيل هئا مظاهري ۾ وڏي تعداد ۾ مردن عورتن سميت اديبن ۽ صحافين پڻ شركت كئي مظاهري كي خطاب كندي سارنگ جويو. سهڻي جويو . انعام شيخ . مرك منان . ورثا پيرزادو . خليل انصاري . اروب شيخ ۽ ٻين چيو ته سنڌ اندر ڏاڙيلن سان گڏ مير . پير ۽ دهشتگردن صحافين سان گڏ محصوم ٻارڙن كي به نه بخشيو اڳواڻن چيو ته جعلي پيراسد شاهه جيكو پنهنجي گهر واري سان گڏ محصوم ٻارڙن تي وحشياڻو تشدد كري انسانيت جا سڀ ليكا لتاڙي ڇڏيا آهن پر اتي پوليس توڙي پ پ جي حكومت به كو هوٽو نه پاريو اڳواڻن چيو ته پ پ جي دور ۾ ريكارڊ بيگناهه قتل توڙي تشدد جا واقعا پيش آيا پر افسوس سنڌ حكومت اتي پنهنجو كو به اهم كردار ادا نه كري سگهي اڳواڻن وڌيك چيو ته جان محمد مهر جو قتل هجي يا محصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جو قتل هجي اهي سڀ قتل كيس پ پ جي اڳواڻن خلاف داخل كري انهن كي به گرفتار كيو وڃي اڳواڻن چيو ته سنڌ حكومت جي نااهلي سان گڏ پوليس به پوتارن توڙي ميرن پيرن جي چمچاگيري ۾ مصروف آهي پر كنهن كي انصاف نه ٿو ملي مظاهرين وڌيك چيو ته جيكڏهن محصيم نياڻي فاطمه ڦررڙو جي قتل ۾ ملوث مك جوابدار پير اسد شاهه ان جي گهر واري سميت ڊاكٽر ۽ پوليس اهلكارن كي سزا نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو اڃان وڌيك وڏايو ويندو

بقايا سنڌيار 39

كانن تي چاپا هڻي يوريا ڀاڻ ۽ ڊي اي پي جو مقرر سركاري اگهه كان وڌيك اگهن ۾ وكرو كندڙ تي ڏنڊ وجهڻ سان گڏ ذخيرو كيل گودام پڻ سيل كري ڇڏيو جن دكاندارن تي ڏنڊ هنيو ويو انهن ۾ اكرم ميمڻ جنهن تي 50000 روپيا ڏنڊ، فيصل ميمڻ تي 50000 روپيا ڏنڊ، عرفان علي خواجه تي 50000 روپيا ڏنڊ ۽ حاجي محمد خواجه تي 10000 روپيا ڏنڊ ۽ انجو گودام جنهن ۾ 400 يوريا جون ٻوريون ذخيرو ٿيل هيون سيل كري ڇڏيو جيكو ڀاڻ سپلائي(اڄ) روينيو ۽ ايگريكلچر اسٽاف جي موجودگي ۾ سركاري اگهه تي وكرو كيو ويندو اگو ٽائي تي بيهاري ان ڀاڻ جي مالك ڊيلر كان لكت ورتو ويو ته هو اهو ڀاڻ سركاري اگهه تي وكرو كندو كانن تي چاپا هڻي يوريا ڀاڻ ۽ ڊي اي پي جو مقرر سركاري اگهه كان وڌيك اگهن ۾ وكرو كندڙ تي ڏنڊ وجهڻ سان گڏ ذخيرو كيل گودام پڻ سيل كري ڇڏيو

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار كي پڙهيل لكيل ٽيكنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار كراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سكر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 كلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موكلڻ جا هيراك نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به كو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موكلين. اسان وقت بوقت نمائندن كي جديد ٽيكنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي ركندڙ اميدوار اداري سان رابطو كن ۽ سي وي موكلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com